روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو

4

# امن ۽ انساني حق

ترتيب: ارشاد لغاري

سي پي سي ايس
سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
B-98 قاسم نگر- قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401
cpcs.sindh@hotmail.com

# امن

# ءِ

# انساني حق

ترتیب: ارشاد لغاري

**CPCS**

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | امن ۽ انساني حق |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ترتيب: | ارشاد لغاري |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | مئي 2007ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلھ: | چاليھ روپيا |

(سِڪ پريت، سنڌ ڪوآپريٽو ڳوٺاڻا پورهيت
تنظيم جي اخلاقي سهڪار ۽ ٿورن سان)



All Rights Reserved



| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Peace & Human Rights |
| **Subject**: | Civil Society Education Series-4 |
| **Complied by**: | Irshad Laghari |
| **Year**: | May 2007 |
| Curtesy: | Sindh Rural Workers Co-Operative Organization (SRWCO) |
| **Published by**: | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانديي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ارپنا

سنڌ ۾ انساني حقن جي تصور کي متعارف
ڪرائيندڙ ۽ سڀني ڄمار ان لاءِ عملي جاکوڙ
ڪندڙ سنڌ جي هڪ خاموش مجاهد
چانڊيي منير احمد جي نالي، جنهن
“سِڪ پريت” جهڙي تنظيم جو بنياد وجهي
سنڌ ۾ سماجي ترقيءَ جا جديد تصور ڏنا

– ارشاد لغاري

ارشاد لغاري

# امن ۽ انساني حق

سمورن معاشرتي لاهن چاڙهن ۽ سماجي اوسر جي طويل تجربن کانپوءِ اها ڳالهه مجموعي اتفاق سان سامهون اچي چڪي آهي تہ ان وقت تائين عالمي امن جو خواب مڪمل نٿو ٿي سگهي، جيستائين اسين انتظام جي هر اداري کي سماجي انصاف سان سلهاڙي ان کي انساني حقن جو پابند نٿا بڻايون. تمام وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اڄ شعور جي بلندين تي پهچڻ جي دعويدار دنيا، ان بلڪل سادي ۽ بنيادي حقيقت کان انحراف ڪندي هڪ اهڙي پونچال ۾ جڪڙجي چڪي آهي، جتي هاڻ عالمي ڀائيچاري ۽ سهڪار بدران فقط ۽ فقط نفرتون، جنگيون، استحصال ۽ بدامنيءَ جي اها باهہ ٻرندي نظر اچي ٿي جنهن عالمي انساني ترقي ۽ بقا جي قلواڙي اُجاڙي ڇڏي آهي. اها باهہ جنهن کان هاڻ دنيا جي ڪابہ ڪنڊ محفوظ نہ رهي آهي، پوءِ ڀل جوان جي شڪل و صورت ڪٽي مختلف هجي، پر سوال هر ننڍي کان ننڍي ۽ وڏي کان وڏي طاقتور رياست جي عوام وٽ اهو ئي آهي تہ ڇا هاڻ هن دنيا ۾ امن لاءِ ڪوبہ امڪان باقي نہ رهيو آهي؟ ڇو تہ ٻن عالمي جنگين کانپوءِ دنيا امن لاءِ جيڪي ادارا قائم ڪيا يا انسانن جا جيڪي بنيادي حق تسليم ڪيا ويا سي هاڻ جڏهن ماضيءَ جو قصو ۽ فقط ڪاغذي ٿها

وجي بچيا آهن تڏهن هڪ سوال اهو به سامهون آيو آهي ته ڇا دنيا کي هاڻ امن لاءِ وري ڪي نوان عالمي ادارا يا معاهدا گهرجن؟ ڇا پراڻن قولن، واعدن ۽ فڪرن جي ڪا به اهميت نه رهي آهي؟ اهي سڀ سوال اڄ جي دور جا سڀ کان وڏا سوال آهن ۽ سول سوسائٽيءَ جي هر حلقي ۾ پنهنجي پنهنجي نوعيت سان بحث هيٺ آهن.

سنڌ به جيئن ته ان عالمي سماج جو هڪ حصو آهي سو ان ۾ به اهڙا سوال پنهنجي حساب ۾ ان ڪري به وڌيڪ بحث هيٺ آهن جو هي خطو دنيا جي انهن خطن ۾ شمار ٿئي ٿو جتي انساني حقن جون سڀ کان وڌيڪ پيچڪڙيون ٿين ٿيون، جتي بدامني پنهنجين انتهائن کي ڇُهي چڪي آهي، ماڻهو هر طرف غير يقيني، عدم تحفظ ۽ اڪيلائيءَ جو شڪار نظر اچن ٿا. ڪو به قانون يا قائدو هتي عمل هيٺ نظر نٿو اچي، خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته آخر رياست ڏکويل ماڻهن کان ايئن لاپرواهه ۽ اوپري ڇو آهي؟ خود پاڪستان جو اهو آئين جنهن ۾ هر حوالي سان سماجي انصاف جي قيام، واڌاري ۽ سماجي براين جي خاتمي جو يقين ڏياريل آهي، هاڻ ايترو ته بگاڙ جو شڪار ٿي چڪو آهي جنهن ۾ هڪ شهريءَ کي پنهنجي عزت پرئي جياپي واري گهٽي ڀُولڻ لاءِ وڏا ڪشٽ ڪاٽڻا پون ٿا پر اها گهٽي نظر ئي نٿي اچي. ڇو ته اسين جنهن سماج ۾ رهون ٿا اتي انسان جي سياسي، سماجي، انساني ۽ معاشي حقن جو ته جڻ اجا تصور ئي نٿو ڪري سگهجي. ان لاءِ جو اهڙي طلب اتي ئي ممڪن هجي ٿي جتي قانون جي ڪا حيثيت هوندي آهي. اسان وٽ ته هر دور ۾ فردن جا فرمان رهيا آهن. ان ڪري سنڌ ۾ امن جي تباهي ۽ انساني حقن جي لتاڙ جي تناظر ۾ قائدي موجب ڪنهن فرد تي دانهن داخل ڪرائجي به ته ڪٿي؟ جو هتي انصاف جا سڀ دروازا تاڪ تاڪ ڪيا ويا آهن، بس عوام کي ڪلئي آسمان هيٺ نتهڻ ۾ جلڻ لاءِ ڇڏيو ويو آهي. جن لاءِ ڪو به چانورو ۽ ڪو به آسرو نظر ڪونه ٿو اچي. جي نه ته انساني حقن جو عالمي پڌرنامو ته شروع ئي ان حوالي سان ٿئي ٿو ته هن دنيا ۾ سڀ انسان آزاد، هڪ جهڙو مانُ، عزت ۽ هڪ جهڙا حق وٺي پيدا ٿيا آهن، پر اسين جڏهن سنڌ تي نظر ڊوڙايون ٿا ته اسان وٽ حالتون اڄ به دور جهالت واريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هتي "ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا" وارو دستور آهي، جنهن ۾ ڪمزور کي ته انسان سمجهيو ئي نٿو وڃي.

پل جو ڪٿي انساني حقن جي عالمي پڌرنامي موجب سڀ ماڻهو قانون جي اڳيان هڪ جهڙا آهن ۽ بنا ڪنهن فرق جي هڪجهڙي تحفظ جا مجاز آهن پر عملي طور سنڌ ۾ جيڪو به قانون آهي سو فقط ۽ فقط جاگيردار، وڏيري ۽ سرمائيدار جي تحفظ لاءِ نظر اچي ٿو ۽ اهو عالمي انساني حق جنهن هيٺ اهو تسليم ٿيل آهي ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي اذيت، ظلم، غير انساني ۽ توهين آميز سزا جو نشانو نٿو بڻائي سگهجي،

تنهن جي پائمالي جيڪا سنڌ ۾ ٿيندي رهي آهي، ڇا ان جو ڪوئي حساب ڪتاب ڏيڻ وارو آهي؟ اها پوليس جنهن جي پهرين ۽ آخري ذميواري اها بيهي ٿي ته ماڻهن جي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ کي يقيني بڻائي سا هتي بيگناهه انسانن سان جنهن غير انساني رويي ۽ تذليل سان پيش ايندي رهي آهي، مظلوم ۽ بي پهچ شهرين کي جنهن شرمناڪ تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي ان کي ڏسي ڇا ايئن لڳي ٿو ته اسين به ڪنهن مهذب عالمي سماج جو حصو آهيون؟ ڪنهن به مجرم کي گرفتار ڪرڻ ۽ ان کي عدالت تائين پيش ڪرڻ جو هڪ باقاعده قائدو آهي جنهن جي لاءِ پوليس به پابند آهي پر اسان جي معاشري ۾ هر بيگناهه کي پوليس مجرم ثابت ڪري سگهي ٿي. هتي پوليس ٺاڻن اندر جيڪي اذيتگاهون آهن تن جو ته تصور ئي ڀيانڪ آهي، سرعام شهر جي رستن تي شهرين جا اڌ مٿا ڪوڙي، سندن منهن ڪارا ڪري، جُتين جا هار پارائي، گڏهن تي چاڙهي سرگس ڪرائيندڙ پوليس کان اڄ ڏينهن تائين ڪنهن اهو پڇاڻو نه ڪيو آهي ته آخر انسانيت جي ان تذليل جو قدم ان ڇو کنيو آهي؟ هتي پڇاڻي وارن ادارن جي خاموشي به ڄڻ هڪ ڏهڻ جيان آهي، جنهن ۾ سماج جي پيڙيل طبقي جون سموريون دانهون ۽ ڪوڪون سدائين غرق ٿينديون رهيون آهن. وري ٺاڻن کان اڳتي جيلن جي صورتحال تائين اچجي ٿو ته قيدين جي حالت زار تي اکيون رت جا ڳوڙها روئين ٿيون. قيدين ته ڇا هتي ته آزاد انسانن جي ساهه تي به پهرو ٿو ڏسجي.

خاص طور عورتن جي حقن جي جيڪا سنڌ ۾ پائمالي ٿي آهي ان سان ته هن خطي جي هزارين ورهين جي تهذيبي ۽ تمدني ورثي جي شناخت ئي مسخ ٿيندي ٿي پائنجي. ڪارو ڪاريءَ جي ڪُڌي رسم هجي، قبيلائي خونريزيون هجن، جنسي تشدد جا واقعا هجن، پئسن عيوض پرڻا هجن يا ڏنڊ ۾ سڱ ڏيڻ جهڙا سماجي ناسور، هر طرف عورت ئي شڪار ٿئي ٿي. حد اها آهي ته هتي عوامي نمائندگي ۽ جمهوريت جي دعويدارن کي اهڙن جرڳن جي سرپرستي ڪندي ڏٺو ويو آهي جن ۾ پنجن ورهين جون معصوم نياڻيون ڏنڊ ۾ پوڙهن سان پرڻي واري فتويٰ جو ڪاڄ بڻيون آهن.

عورتن ڪانپوءِ جيڪا سڀ کان خراب صورتحال آهي سا ٻارڙن جي آهي، ڇاڪاڻ ته هن جاگيرداري سماج ۾ جتي عورت انتهائي غير محفوظ آهي اتي ٻار ڪيئن ٿو محفوظ رهي سگهي. تعليم ۽ صحت جهڙين بنيادي حقن کان وانجهيل ٻارڙا جبري پورهئي کان ويندي جنسي تشدد جو جهڙيءَ ريت شڪار ٿين ٿا ان ڪانپوءِ "گلن جهڙا ٻارڙا" واري مثال تي حيرت ٿئي ٿي ته آخر اهي ڪهڙا معاشرا آهن جتي ٻارڙن کي گُل سمجهيو ويندو آهي. اسان جي معاشري جي حقيقت اها آهي ته هتي ٻار فقط ۽ فقط غلام آهي ۽ استعمال جي شيءِ آهي. جنهن تي گهر کان

وني گهٽيءَ تائين ۽ گهٽيءَ کان وني ڳوٺ ۽ شهر تائين هر ڪنهن جو حڪم هلي ٿو. هر ڪو ان جي تذليل ڪري ٿو ان کي چڙهبي ٿو. سرن جي ڀٺن کان وٺندي قالين جي ڪارخانن تائين، هوٽلن کان وٺندي گاڏين جي گيريجن تائين، بوٽ پالش کان وٺندي بيڪرين تائين اسان کي اهي ٻار ٿي پيڙجندي نظر ايندا ۽ انهن جي معصوم اکين ۾ حسرتن جا ڪوماڻل گلاب پري کان پڌرا هوندا آهن.

مطلب ته سنڌ اندر زندگي مجموعي طور جنهن عذاب هيٺ گذري رهي آهي، ان کي ڏسندي اهو چئي سگهجي ٿو ته هي خطو دنيا جي انهن ئي خطن جي فهرست ۾ شمار آهي، جتي امن ۽ انساني حقن جون سڀ کان وڏيون ڀڃڪڙيون ٿين ٿيون. اهي ڀڃڪڙيون جيڪي هڪ طرف سماج جي طاقتور طبقن کان ته ٻئي طرف خود رياست جي ٺهيل قانوني معيار جي صورت ۾ جاري و ساري آهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ امن ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي سراسري نشاندهي ڪجي ته ان ۾ اسان کي هيٺين معاملن ۾ اها صاف نظر اچي ٿي.

- حقيقي عوامي نمائندگيءَ جو ڏڪار
- سياسي ۽ معاشي حقن جي پائمالي
- تعليمي تباهي
- بيروزگاري
- قبيلائي دهشتگردي
- شهري دهشتگردي
- ڪارو ڪاري
- ڊاڙيل ڪلچر
- انتها پسندي
- پوليس آپيشاهي

جيڪڏهن گهڻو گهرائيءَ ۽ جزويات ۾ وڃبو ته اجا ٻـ گهڻو ڪجهه سامهون اچي سگهي ٿو پر مٿي ڄاڻ جيڪي ڏهه پاسا ڄاڻايا آهن سي سنڌ ۾ امن ۽ انساني حقن جي پائماليءَ جا ٿلهي ليکي اهي سڀ خد و خال ظاهر ڪن ٿا، جن موجب انساني حقن جي عالمي عدالت ۾ هن معاشري جون ذميوار اختياريون مجرم قرار ڏئي سگهجن ٿيون. هاڻ اچو ته انهن کي هڪ هڪ ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته ڪيئن نـ سنڌ ۾ جياپو هڪ جنگ مثال آهي.

- **حقيقي عوامي نمائندگيءَ جو ڏڪار:**

جيڪڏهن اسين سنڌ جي اقتداري ايوانن جو جائزو وٺنداسين ته اهو صاف نظر ايندو جنهن ۾ هن ملڪ جي وجود ۾ اچڻ واري اول ڏينهن کان وٺي سنڌ جي عوام کي

حقيقي عوامي نمائندگيءَ کان جاٽي ٻجهي محروم رکڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي آهي، جنهن جو سلسلو اڃ ڏينهن تائين جاري آهي. ظاهر آهي جيڪڏهن اهي ادارا، جتي وينلن جي اها ذميواري بيهي ٿي تہ بهتر عالمي سياسي، سماجي، اخلاقي ۽ انساني قائدن قانونن توڙي قدرن کي اپنائين. تن ادارن ۾ جڏهن محڪوم ماڻهن جي حقيقي نمائندگيءَ کي ممنوع قرار ڏنو ويندو تہ اسين ڪيئن ان عالمي انساني شعور جو ثمر حاصل ڪري سگهنداسين. جيڪو اسان جي سماج مان براين کي تڙي ڪڍي ۽ انهن جي جاءِ بهتر گُڻ ۽ خوبيون والارين، ۽ اسين هڪ رهڻ جوڳي معاشري کي ترتيب ڏئي سگهون. ان لاءِ ان امر جي بنيادي ضرورت آهي تہ هن ملڪ جي اقتداري سرشت ۾ اهي سڀ تبديليون يقيني بڻايون وڃن جن ذريعي هيٺين طبقن مان انتظامي ۽ فيصلاڪُن قوت وارن فورمز تي نمائندگي اچي سگهي ۽ جيئن ئي اهڙي تبديلي ايندي تہ اسين امن ۽ انساني حقن جي بحاليءَ وارو اهو ثمر ماڻي سگهنداسين. جنهن کان اڃان تائين محروم آهيون.

- **سياسي ۽ معاشي حقن جي پائماليءَ**

جڏهن ڪنهن بہ سماج ۾ عوامي نمائندگيءَ کي اقتداري ايوانن ۾ روڪيو ويندو آهي تہ ان جو سڌو نتيجو جمهوري قدرن جي لتاڙ ۽ عوام جي بنيادي حقن جي پائماليءَ جي صورت ۾ نڪرندو آهي. اسان وٽ جيئن تہ ملڪي چمار جا چوڌنهن آنا چور بازاريءَ ۾ گذريا آهن. تنهن ڪري اڄ ڏينهن تائين هن ملڪ اندر اصلي معنيٰ ۾ عوام جا سياسي ۽ معاشي حق بحال نہ ٿي سگهيا آهن پر اهڙي بدقسمتي سنڌ جي حصي ۾ ڪجهہ سرس آهي. سنڌ جيئن فطرت جي احسان سان پنهنجن وسيلن ۾ مالا مال رهي آهي. ان ڪري هتي ڦورو طبقي جي تنگ بہ وڌيڪ اڙيل آهي ۽ اهڙي ڦر مار کي جاري و ساري رکڻ واسطي هر دؤر ۾ سنڌ جون سياسي حالتون اهڙي طرز تي رکيون ويون آهن جيئن ماڻهو هر وقت مونجهارن جو شڪار رهن ۽ سندن معاشي حق ڦٻائي سگهجن. پر هاڻ اهو وقت اچي ويو آهي تہ سماج جي باشعور طبقن کي ان انساني پلائيءَ کي روڪيندڙ ديوار کي پنهنجي اتحاد ۽ منظم عمل سان ڍاهي پٽ ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌڻ گهرجي. جنهن لاءِ عوام منجهہ سندن سياسي ۽ معاشي حقن جي شعور لاءِ تعليم ۽ تربيت تي مخصوص ڌيان ڏيڻ گهرجي. چو تہ عوام ئي اصل قوت آهي. جنهن سان هڪ انصاف تي مشتمل نئين سماج جي اڏاوت ڪري سگهجي ٿي.

- **تعليم جي تباهي:**

سنڌ کي امن ۽ انساني حقن جي ثمر کان محروم رکڻ وارين قوتن جي اول ڏينهن کان اها رٿابندي پئي رهي آهي تہ ڪنهن بہ ريت سنڌ ۾ بهتر تعليم ۽

تربيت واري امڪان کي روڪجي. ڇو تہ جڏهن ڪنهن بہ معاشري ۾ بهتر تعليم جا موقعا هوندا آهن تڏهن پيڙيل ۽ محڪوم طبقن جا فرد بہ پنهنجي سماجي ارتقا ذريعي اڳيان وڌي استحصال خلاف آواز اُٿاري سگهڻ واري اهليت ۽ قوت کي ماڻي سگهڻ واري منزل کي نيٺ هڪ ڏينهن پهچي ئي ويندا آهن. جنهن ڪانپوءِ استحصالي طبقن لاءِ وڌيڪ استحصال ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي ۽ ڪين عوامي طبقي جا حق بحال ڪرڻا ئي پئجي ويندا آهن. سو ان سماجي سائنسي حقيقت جي پيش نظر سنڌ ۾ هڪ منظم سازش وسيلي تعليم خلاف مختلف شڪلين ۾ رڪاوٽون کڙيون ڪيون پئي ويون آهن تہ جيئن سنڌ پنهنجي تعليمي ارتقا ۾ مٿيري منزل کان سدائين محروم رهي. هتي ڇٽ، جاهل ۽ ڄڙتو ڪردارن کي اڳيان آڻي ماڻهن جي اڪثريت جو هڪ حوالي سان تعليم تان ويساهہ کٽائڻ جي عملي ڪوشش ڪئي پئي وئي آهي ۽ اهڙي نموني سنڌ کي تعليم کان محروم رکي ان ۾ هر غير قانوني روش کي جاري رکڻ انساني خوشحاليءَ آڏو بند ٻڌڻ جي برابر آهي، جنهن کي ڊاهڻو پوندو. سنڌ کي هڪ فعال ۽ جديد قدرن سان ٺهڪندڙ تعليمي نظام جي ضرورت آهي، جنهن جي حاصلات واسطي هر باشعور فرد مٿان اهو انساني ۽ اخلاقي فرض لاڳو ٿئي ٿو تہ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري، ڇو تہ اهو طئي آهي تہ بهتر تعليم کانسواءِ اسين بهتر انساني معاشرو نٿا اڏي سگهون.

- **بيروزگاري:**

سنڌ کي هڪ منظم سازش هيٺ تعليم کان محروم رکي ٻئي طرف ٿوري گهڻي جاکوڙ ۽ پنهنجي پورهئي سان اڳيان آيل نوجوانن کي وري بيروزگاريءَ جي ڏٻڻ ۾ اُڇلايو پئي ويو آهي. سنڌ ۾ تمام وڏي انگ ۾ بيروزگاريءَ جو نتيجو زندگيءَ کان بيگانگي، بيزاري ۽ مايوسيءَ جي صورت ۾ نڪتو آهي ۽ تمام تيزيءَ سان خودڪشيءَ ۾ اضافو آيو آهي، جيڪو هڪ تمام وڏو انساني الميو آهي. ان بيروزگاريءَ جو ٻيو خطرناڪ نتيجو معاشري ۾ ڏوهن ۾ واڌارو اچڻ جي صورت ۾ سامهون آيو. هڪ پاسي غربت ۽ بيروزگاري ۽ ٻئي طرف ڏوهن جي عذاب زندگيءَ جي اوسر کي روڪي ڇڏيو آهي ۽ معاشرو وڏي ڀڃڪڙيءَ جي ڳار ۾ آهي. ان ڪري سنڌ ۾ امن جي حاصلات لاءِ اهو پهريون شرط آهي تہ ان ۾ روزگار جا وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪري ماڻهن کي مايوسي ۽ ڪاوڙ کان بچايو وڃي. بهتر روزگار- بهتر امن ۽ انساني معاشري جي ضمانت آهي. ان حقيقت کي ڪڏهن بہ فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي.

- ## قبيلائي دهشتگردي:

ڪنهن بہ معاشري ۾ جڏهن مسلسل بک ۽ بدحاليءَ جو دؤر جاري رهندو آهي تڏهن اُتان جي آباديءَ ۾ اندران ئي اندران هڪ ڪروڌ جنم وٺندو آهي، جنهن جو نتيجو اسهپ، نفرت ۽ انتقام جي صورت ۾ سامهون ايندو آهي، ۽ ماڻهو هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن. ٿورڙن معاملن تان وڏا تڪرار جنم وٺندا آهن ۽ سنڌ ان حوالي سان وڏي پئماني تي قبيلائي جهيڙن جي صورت ۾ وڏندڙ تڪرارن ۾ پوڳي رهي آهي. اهي تڪرار جن ۾ وڏي پئماني تي انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي ۽ ماڻهو امن کان محروم آهن، فقط سماجي ناانصافي ۽ حڪمرانن جي لاپرواهيءَ سبب پيدا ٿيا آهن. ڇو تہ هتي حڪمران طبقن ڪڏهن بہ سماجي انصاف ۽ قانون جي حڪمرانيءَ سان سچائي نہ ڏيکاري آهي، جنهن سبب سنڌي معاشرو ڪروڌ ۽ نفرت جي ور چڙهيو آهي ۽ اسان جي آباديءَ جو هڪ وڏو انگ غير محفوظ آهي. سنڌ جي ترقي ۽ امن لاءِ قبيلائي جهيڙا هڪ ناسور مثال آهن، جن کي هر صورت ۾ روڪڻ جي ضرورت آهي. سرڪار جي اها بنيادي ذميواري بيهي ٿي تہ اها عوام کي ان باهہ کان بچائي، ڇو تہ تحفظ، امن ۽ عزت ڀريو جياپو ماڻهن جو بنيادي انساني حق آهي، جنهن حق کان سنڌ جو عوام محروم رکيو ويو آهي. اسان جي هر سجاڳ فرد تي اهو لازم آهي تہ اهو سنڌ ۾ ان قبيلائي دهشتگرديءَ خلاف آواز اُٿاري، جنهن کي هتان جي حڪمرانن بلڪل آزاد ڇڏي ڏنو آهي ۽ نام نهاد سردارن جي رحم و ڪرم تي ڪروڙين عوام سندي حق کان وانجهيل آهي.

- ## شهري دهشتگردي:

جيئن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ قبيلائي دهشتگرديءَ کي ڇوٽ ڇڏيو ويو آهي تيئن سنڌ جا شهر پڻ اڪيلا ڪري مخصوص مافيائن ۽ گروهن جي رحم ڪرم تي ڇڏيا ويا آهن. اهي گروهہ جيڪي پنهنجن مفادن لاءِ امن سان کيڏندا رهيا آهن ۽ سنڌ جا شهر مختلف وقتن تي شديد بدامنيءَ ۽ رتو ڇاڻ مان گذرندا رهيا آهن. اسان جي شهرن کي جنهن حساب سان اڳتي وڌڻ گهرجي ها ان جي اُبتڙ هو پوئتي ويا آهن. مختلف مافياز آهن، جن سنڌ جي مُک شهرن کي آڪاڙو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اُتي جي روشن خيال، پُرامن جمهوري انساني لاڙن سان چاهہ رکندڙ آبادي شديد غير يقينيءَ جو شڪار آهي. ظاهر آهي تہ جتي جڙتو دوکي باز ۽ شور

چاهيندڙن کي ڪليل ڇوٽ هجي اُتي امن جو خواب پورو نٿو ٿي سگهي. ان ڪري اسان تي لازم آهي تہ اسين اهڙي رجحان ۽ دادا گيريءَ خلاف اُٿي کڙا ٿيون.

- **ڪارو ڪاري:**

سنڌ جي مثان ٻيو جيڪو ڪهري وار ٿيو آهي سو "ڪارو ڪاري" جي وارداتن جي حوالي سان آهي. سنڌ پنهنجي تاريخي ۽ تهذيبي شعور جي تناظر ۾ عورت جو بي انتها احترام ڪندڙ سرزمين آهي، پر هي ڪارو ڪاريءَ واري ڪُڌي رسم کي وڌائڻ ۾ هتي جي انهن مخصوص حالتن جو ڪردار آهي،جيڪي حڪمرانن پيدا ڪيون آهن. ماڻهن کي بُک ۽ افلاس ۾ ڌڪي انهن کي ذهني ڪرپ ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي، نتيجي ۾ ماڻهو ذهني انتشار ۾ اچي اهڙين وارداتن ۾ اچي پيا آهن. ان جرم ۾ ملوث ڪردارن خلاف ڪابہ قانوني گرفت نہ هجڻ ۽ نام نهاد سردارن جي جرڳن اڳيان حڪومت جي ڪوڙي بيوسي انسانيت سان هڪ تمام وڏو مذاق آهي. ان ناسور مان سنڌ جي جند آجي تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي جڏهن سموري سول سوسائٽيءَ جي ترجيحن ۾ ان خلاف اُٿي بيهڻ خلاف عملي ايجنڊا هوندي.

- **ڌاڙيل ڪلچر:**

سنڌ جي امن کي تباهہ ڪرڻ ۽ انسانيت جي تذليل جي حوالي سان ڌاڙيواليءَ بہ سڀ کان وڌيڪ پوڙنائن کي جنميو آهي. رياست جي هيتري ساري قوت جي باوجود آڱرين تي ڳڻڻ جيترن چند ڌاڙيلن جي هستي مستي سمجهہ کان ٻاهر آهي. رياست جنهن پنهنجي فورسز کي ڪروڙين عوام کي قابو رکڻ لاءِ تاتي رکيو آهي سا پنهنجي ان قوت کي ڌاڙيلن خلاف حقيقي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ کان سدائين لاتعلق نظر آئي آهي. ڌاڙيل عنصر سنڌ جي امن سان گڏ پوري معاشي ڍانچي کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. جنهن معاشري ۾ امن تباهہ هجي، معيشت جو ڏيوالو نڪتل هجي اُتي انساني حقن جو قيام ڪيئن ٿو عمل ۾ اچي سگهي؟ ان ڪري اهو لازم آهي تہ اهڙن عنصرن جي خاتمي لاءِ عملي اُپاءَ ورتا وڃن. سرڪار جيڪڏهن اهڙن عنصرن جي خاتمي لاءِ سنجيده اُپاءَ نٿي وٺي تہ معاشري جي سجاڳ فردن جو اهو اخلاقي فرض ٿو بڻجي تہ اهي سرڪار جي اهڙي روش خلاف عوام، ميڊيا ۽ انصاف جي عدالتن ۾ دانهين ۽ انهن سمورين ڌرين کي وائکو ڪن جن پنهنجي نٺ ۽ ٺانگر کي قائم رکڻ واسطي ڌاڙيلن کي پالي رکيو آهي، جڏهن تہ سرڪار بہ انهن سان ڪنهن نہ ڪنهن آشيرواد جي صورت ۾ سڌي اڻ سڌي طرح پاڳي پائيوار پئي رهي آهي.

- **انتها پسندي:**

جڏهن معاشري ۾ رياستي سطح تي نہ انصاف مهيا آهي نہ روزگار آهي ۽ نہ عزت نفس، تڏهن ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن متبادل ڏانهن ضرور واجهائين ٿا. سو ان خال کي اسان جي معاشري ۾ مذهب جي غلط تشريح ڪندي انتها پسند ڌرين بہ پنهنجي وت وس موجب پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ماڻهن کي ظلم خلاف آواز اُٿارڻ جي نالي تي انهن ڌرين پاران جيڪا تعليم توڙي مخصوص تربيت ڏني وئي آهي، سا هڪ معتدل ۽ منصف سماج بدران انتها پسنديءَ ڏانهن وڌيڪ مائل آهي. جنهن سان پڻ انساني ڀائيچاري واري سفر ۾ تضاد ۽ وڇوٽيون پيدا ٿيون آهن، جنهن جو سڌو فائدو اڳي پوءِ امن ۽ انسان دشمن قوتن ورتو آهي.سمجهہ وارن طبقن کي ان رجحان خلاف ڪردار ادا ڪرڻو پوندو جو اهو سندن فرض ۾ شامل آهي.

- **پوليس آپيشاهي:**

مٿي پاڻ جيڪا بہ صورتحال بحث هيٺ آندي ۽ حقيقتون واضح ڪيون ان ۾ اهو سامهون آيو تہ اسان جو معاشرو مڪمل طور چڙو چڙ، منتشر، بي حال ۽ تيزيءَ سان زوال پذير آهي ۽ ان جو سڀ کان وڏو فائدو اُن پوليس ورتو آهي جنهن کي حڪمرانن عوام جي محافظ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پابند بڻائڻ بدران سندين دشمنين پاڙڻ لاءِ مخصوص ڪيو آهي. پوءِ اها پوليس آهي سا جتان چاهي اتان اچي ۽ وڃي ٿي. ان لاءِ ڪابہ قانوني، اخلاقي ۽ انساني حد معنيٰ نٿي رکي. عدالت کان مٿانهان قتل هجن، ڏوهہ ثابت ٿيڻ کان اڳ ئي گرفتار ٿيلن مٿان انسانيت سوز تشدد هجي، رشوت عيوض معصوم ماڻهن جون ٽوڪ جي حساب سان گرفتاريون هجن يا ٻي آپيشاهي، ان ۾ پوليس کان ڪوبہ پڇاڻو ناهي. نتيجي ۾ اهو ادارو عوام لاءِ خوف جي علامت بڻجي چڪو آهي. پوليس سڌارن جي نالي ۾ هتي حڪومتي سطح تي ڪئين ڪوڙا دستاويز تہ ترتيب ڏنا ويا هوندا پر سنڌ جو عوام اڄ بہ اهو سوال ڪري ٿو تہ اهي سڌارا ڪڏهن ايندا؟ جڏهن واقعي بہ هو امن ۽ انصاف ماڻي سگهندا، هتان جا فورسز انساني حقن جي پيچڪڙين لاءِ نہ پر انهن جي قيام ۽ حقيقي معنيٰ ۾ عمل ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي نظر ايندا.

# مهاڳ

انساني سماج ۾ برابري، انصاف ۽ آزاديءَ جي تصورن جي تاريخ ڪئين صديون پراڻي آهي. افلاطون ۽ ارسطوءَ جهڙن فلاسافرن جي تحريرن ۾ اهي تصور پنهنجي شروعاتي شڪل ۾ ملن ٿا. ان ڪانپوءِ مختلف مذهبن جي تعليمن انهن خيالن جي وڌيڪ تشريح ڪئي، پر انساني حقن جا تصور جيڪي ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ موجود آهن، انهن جا اصلي بنياد، سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ مغربي سماجن ۾ ٿيندڙ انقلابي تبديلين جي عمل ۾ ڄاڃي سگهجن ٿا.

1689ع ۾ برطانيہ اندر "حقن جي بل" Bill of Rights جي منظوريءَ ڪانپوءِ جديد دؤر ۾ انساني حقن کي رياست واري سطح تي تسليم ڪرڻ جي شروعات ٿي. 1776ع ۾ آمريڪا (U.S.A) ۾ آزاديءَ جي جنگ جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ ۽ ان جي نتيجي ۾ انساني حقن جي پڌرنامي جي نافذ ٿيڻ ڪانپوءِ ان عمل ۾ وڌيڪ ترقي ٿي.

پر انساني حقن متعلق سڀني کان وڌيڪ اثرائتو دستاويز 1789ع جي فرانسيسي انقلاب جو نافذ ٿيل "انساني ۽ شهري حقن جو پڌرنامو" Declaration of the rights of men and citizens سمجهيو وڃي ٿو. هن اعلان بعد انساني حقن جي سلسلي ۾ ٿيندڙ تبديلين سڄي يورپي سماج کي متاثر ڪيو.

پر بيٺڪن واري نظام Colonization کي برپا ڪري غلاميءَ واري نظام کي برقرار رکڻ سبب (جڏهن ته آمريڪا ۾ غلاميءَ جو قانوني طور خاتمو 1865ع ۾ عمل ۾ آيو) انساني حقن ۽ جمهوري تصورن جي ارتقا صرف مغربي سماجن تائين محدود رهجي ويئي.

ويهين صديءَ ۾ سرمائيدارانہ نظام جي اوج جي نتيجي ۾ مختلف مغربي قومن جي وچ ۾ مقابلو ۽ هڪ ٻئي تي غلبي واري ڪشمڪش زورن تي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ پنجاهہ سالن کان بہ گهٽ عرصي ۾ ٻن عالمگير لڙاين جنم ورتو. (18_1914ع پهرين عالمگير لڙائي ۽ 45_1939ع دوران ٻي عالمي لڙائي) جنهن ۾ ڪروڙين انسان اجل جو شڪار ٿيا ۽ انساني سماج کي خطرناڪ تباهيون ڏسڻيون پيون.

ان دوران ٻينڪن واري نظام هيٺ رهندڙ محڪوم قومن پڻ آزاديءَ واري جدوجهد کي تمام گهڻي تيزيءَ سان منظم ڪيو ۽ حاڪم قومن کي پنڻي هٿڻ تي مجبور ڪيو. ٻئي طرف وري مظلوم طبقن جي جدوجهد جيڪا هنن سماجي انصاف جي حصول لاءِ ڪئي، اها بہ پنهنجين بلندين تي پهتي.

ان پس منظر ۾ ٻي عالمگير لڙائيءَ جي خاتمي تي 1945ع ۾ اقوام متحده قائم ٿي ۽ پهريون دفعو عالمي سطح تي اهو تسليم ڪيو ويو تہ انساني سماجن کي وڏيڪ تباهيءَ ۽ بربادي کان بچائڻ لاءِ اهو لازمي آهي تہ سمورن انسانن کي بہ برابريءَ، آزاديءَ ۽ انصاف سان رهڻ ڏجي.

تنهن ڪري 10 ڊسمبر 1948ع تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي "انساني حقن جو عالمي پڌرنامو" Universal declaration of the human rights منظور ڪرڻ ڪانپوءِ لاڳو ڪري ڇڏيو. انڪانپوءِ انهن حقن جي وڏيڪ وضاحت لاءِ ڪيترائي انجام ناما/ معاهدا پڻ ڪيا. اهي حق سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي مطلب انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ سان تعلق رکن ٿا. پر اها بہ هڪ اٽل حقيقت آهي تہ اڄ بہ انسانن جي هڪ اڪثريت انهن حقن کان محروم آهي ۽ دنيا جي ترقي يافتہ، گهٽ ترقي يافتہ يا غير ترقي يافتہ سڀني ملڪن ۾ انساني حقن جي غير دستيابي ۽ پائمالي اڄ بہ هڪ معمول آهي.

اها حقيقت آهي تہ انهن جو مڪمل حصول ۽ تحفظ صرف ان حالت ۾ ممڪن آهي جڏهن عام انسانن کي انهن جي باري ۾ ڄاڻ هجي. ڇاڪاڻ تہ انهن حقن جي باري ۾ علم ۽ ڄاڻ ئي اهڙو بنياد مهيا ڪن ٿا جنهن هيٺ انهن کي حاصل ڪرڻ واري جدوجهد جو رستو هموار ڪري سگهجي ٿو.

**چانديو منير احمد**

(صدر سک پريت)

سنڌيڪار: چانڊيو منير احمد

## انساني حقن جو عالمي پڌرنامو

### جيڪو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ پنهنجو ٺهراءَ 217A (III) 10 ڊسمبر 1948ع تي اختيار ڪيو ۽ بحال ڪيو.

جيئن ته ڪنهن به انساني ڪٽنب جي سڀني ميمبرن جي اصلي عزت ۽ برابريءَ وارن حقن کي تسليم ڪرڻ دراصل دنيا جي آزادي، انصاف ۽ امن جو بنياد آهي. جڏهن ته انساني حقن جي انحرافي انهن سان نفرت جهنگلي ۽ وحشي عملن جو نتيجو ڏنو آهي، جنهن انسانذات جي ضمير کي جهنجهوڙيو آهي ۽ انهيءَ موقعي تي جڏهن انسان جي انهن حقن جهڙوڪ تقرير ۽ ايمان جي آزادي ۽ سندن خوف ۽ گهرجن کان آزادي، عام ماڻهن جي وڏي کان وڏي خواهش تصور ڪيو ويو آهي.

جڏهن اهو نهايت ضروري سمجهيو وڃي ۽ ماڻهوءَ کي بحث لاءِ مجبور نه ڪجي ته آخري حالت ۾ ظلم ۽ تشدد جي خلاف بغاوت طور، انساني حقن جو تحفظ قانون جي حڪمرانيءَ هيٺ ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن اهو نهايت ضروري سمجهيو وڃي ته قومن جي وچ ۾ دوستاڻن لاڳاپن کي فروغ ڏنو وڃي.

۽ جڏهن ته گڏيل قومن جي ماڻهن پنهنجي چارٽر ۾ بنيادي انساني حقن جو وري يقين ڏياريو آهي ۽ انساني شخص جي عزت ۽ قدر جو صحيح اندازو لڳايو آهي ۽ مردن ۽ عورتن جي برابريءَ وارن حقن کي تسليم ڪيو آهي ۽ ان ڳالهه جو پڪو ارادو ڏيکاريو اٿن ته سماجي ترقيءَ جي واڌ ۽ زندگيءَ جو بهتر کان بهتر معيار وڏيڪ آزاديءَ واري موقف ۾ مهيا ڪندا.

جڏهن ته ميمبر رياستن اهو واعدو ڪيو آهي ته گڏيل قومن جي سهڪار سان انساني حقن ۽ بنيادي آزادين لاءِ پوري ڪوشش ونندا.

جڏهن ته انهيءَ واعدي جو پورو احساس ان ۾ ئي آهي ته اسين انهن حقن ۽ آزادين جيڪي وڏي اهميت رکن ٿا انهن جي عام ڄاڻ سڃاڻ رکون.

### هاڻي، تنهن ڪري:

### گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي:

هن ڪائنات واري انساني حق جي پڌرنامي جو اعلان ڪري ٿي. جيڪو سڀني ماڻهن ۽ سڀني قومن جي حاصل ڪرڻ جو عام معيار آهي ۽ اهو ان حد تائين عام ڪرڻ گهرجي جو سماج جو هر فرد ان پڌرنامي کي هميشه لاءِ ذهن ۾ رکي ۽ سدائين نوان طريقا ڳوليندو رهي ته هو ماڻهن کي انهن حقن ۽ آزادين کي ماڻڻ لاءِ ڏسيندو ۽ سکيا ڏيندو رهي. ترقي پسنداڻن اُپائن جي ذريعي. قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي پڻ اهو ڏسڻ گهرجي ته انهن بنيادي حقن ۽ آزادين جي ڄاڻ سڃاڻ هميشه ۽ هر وقت لاءِ عام ماڻهن ۾ ۽ دنيا جي انهن ميمبر رياستن ۾ عمل ۾ آندي وڃي ٿي ۽ انهن رياستن جي حدن اندر سڀ ماڻهو انهن کي عمل ۾ آڻين ٿا.

## قلم 1:

سڀ انسان آزاد هڪ جهڙو مان، عزت ۽ هڪ جهڙا حق وٺي پيدا ٿيا آهن. انهن کي دماغ ۽ ضمير بخشيو ويو آهي ۽ هو هڪٻئي سان ڀائپيءَ واري جذبي سان هلت هلندا.

## قلم 2:

هر ماڻهو هن پڌرنامي ۾ ڏنل سڀني حقن ۽ آزادين جو مجاز هوندو بنا ڪنهن امتياز جي ته هو ڪهڙي قسم، نسل، رنگ، جنس، زبان، مذهب، يا ڪنهن به سياسي يا ٻئي ڪنهن نظريي سان تعلق رکندو هجي، يا قومي يا سماجي اصليت سان

واسطو رکندو هجي يا ملڪيت، ڇو يا ڀي ڪنهن بيهڪ جي لحاظ کان بہ ڪا تفريق نہ ٿيڻ گهرجي.

ان کان وڌيڪ جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو سياسي، حدن واري يا ملڪي بيهڪ جيڪا بين الاقوامي سطح جي حساب سان تعلق رکي ٿي. اهو ملڪ چاهي خود مختيار هجي، پنهنجو پاڻ تي پاڙيندو هجي يا اختيار اعليٰ جي ڀي ڪنهن حد اندر هجي انهن ۾ ملڪي حساب سان ڪا بہ تفريق نہ ڪئي ويندي.

قلم 3:

هر هڪ ماڻهوءَ کي زندگيءَ گذارڻ، آزاديءَ ۽ تحفظ جو پورو پورو حق حاصل هوندو.

قلم 4:

ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي غلاميءَ يا نوڪريءَ ۾ نہ جهليو ويندو. غلامي ۽ غلاميءَ وارن ڌنڌن جي سخت روڪ هوندي.

قلم 5:

ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اذيت، ظلم ۽ غير انساني ۽ توهين آميز هلت يا سزا جو نشانو نہ بڻايو ويندو.

قلم 6:

هر هڪ ماڻهوءَ کي قانون جي اڳيان هڪ فرد طور هر هنڌ تشخص جو حق هوندو.

قلم 7:

سڀ ماڻهو قانون جي اڳيان هڪ جهڙا آهن ۽ بنا ڪنهن امتياز جي هڪ جهڙي قانوني تحفظ جا مجاز آهن. هن پڌرنامي جي ڀڃڪڙي ٿيندي جيڪڏهن ڪوبہ شخص ان امتياز کي وڌائڻ لاءِ ترغيب ڏئي ٿو.

قلم 8:

هر ماڻهوءَ کي اهو حق هوندو تہ هو پنهنجي قومي اڪابر، ٽربيونل جي ذريعي، بنيادي حقن جي ڀڃڪڙيءَ لاءِ موثر جواز ڏيئي نجات وٺي ۽ ثابت ڪري تہ انهن جي ڀڃڪڙيءَ جو حق ڪيس دستور ۽ قانون جو مليل آهي.

قلم 9:

ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي عارضي طور گرفتار نہ ڪيو ويندو. يا هن کي بنا جواز جيل ۾ نہ رکيو ويندو يا ملڪ نيڪالي نہ ڏني ويندي.

قلم 10:

هرڪ ماڻهو فوري برابريءَ سان ان ڳالهه جو مجاز هوندو تہ انهن کي هڪ خود مختيار ۽ غير جانبدار ٽربيونل ۾ ٻڌو وڃي، جنهن ۾ هو پنهنجن حقن ۽ فرضن حاصل ڪرڻ واري سلسلي ۾ يا پنهنجي خلاف ڪنهن بہ الزام جي خلاف ڳالهائي.

## قلم 11:

ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي جنهن تي ڏنڊ واري ڏوهہ جو الزام هجي اهو حق رهندو تہ تيستائين هن کي بيگناهہ سمجهيو وڃي جيستائين هن کي عوامي عدالت يا قانوني طور ڏوهي تسليم نہ ڪيو وڃي، هن کي پنهنجي بچاءُ جي لاءِ ضروري ضمانتون حاصل هونديون.

## قلم 12:

ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪئي ويندي، هن جي اڪيلائپ ڪٽنب، گهر يا لک پڙهہ سان ڪابہ مداخلت نہ ڪئي ويندي ۽ نہ ئي ڪنهن جي عزت ۽ ناموس تي حملو ڪيو ويندو. هر ماڻهوءَ کي انهيءَ مداخلت ۽ حملن جي خلاف قانوني تحفظ وارو حق حاصل هوندو.

## قلم 13:

هر ماڻهوءَ کي چرپر جي آزادي ۽ رهائش جو حق هوندو تہ هو پنهنجي رياست جي حدن اندر جتي بہ رهڻ چاهي رهي سگهي.

هر ماڻهوءَ کي ڪنهن بہ ملڪ وڃڻ ۽ پنهنجي ملڪ ڇڏڻ جو اختيار آهي ۽ وري واپس اچڻ جو بہ اختيار هوندو.

## قلم 14:

هر ماڻهوءَ کي اهو حق حاصل هوندو تہ پنهنجي ملڪ جي آزار کان هو ٻين ملڪن ۾ پناهہ وٺي.

اهو حق هو ان حالت ۾ نٿو حاصل ڪري سگهي جيڪڏهن هن جي خلاف غير سياسي ڏوهہ متعلق ڪو صحيح قسم جو مقدمو هلي رهيو آهي يا انهن عملن مان آهي جيڪي گڏيل قومن جي مقصدن ۽ اُصولن جي منافي آهي.

## قلم 15:

(1) هرڪ ماڻهوءَ کي قوميت حاصل ڪرڻ جو حق هوندو.

(2) ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي خود مختياريءَ جي حساب سان هن جي قوميت کان محروم نٿو ڪري سگهجي. ۽ هن جي قوميت جي تبديليءَ واري حق کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي.

## قلم 16:

(1) مرد ۽ عورتون جيڪي عاقل بالغ آهن بنا ڪنهن نسل، قوميت يا مذهب جي حد بنديءَ جي انهن کي اهو حق حاصل آهي تہ هو ڪنهن سان بہ شادي ڪن ۽ گهر جو بنياد وجهن. هو ٻئي برابريءَ واري بنياد تي شادي، شاديءَ دوران ۽ شاديءَ کي ختم ڪرڻ واري حق جا مجاز هوندا.

(2) شادين کي تڏهن داخل قرار ڏنو ويندو جڏهن اهي ٻنهي شخصن - مرد ۽ عورت جي آزادانہ ۽ پوريءَ مرضيءَ سان عمل ۾ اينديون.

(3) گهر - ڪٽنب ۽ سماج جو قدرتي ۽ بنيادي گروپ يا يونٽ آهي ۽ انهيءَ حق جو مجاز آهي تہ ان کي سوسائٽي ۽ رياست تحفظ ڏئي.

## قلم 17:

(1) هر ڪنهن فرد کي اڪيلي ذاتي ملڪيت رکڻ جو حق هوندو ۽ پڻ ٻين سان گڏ جماعت ۾ رهڻ جو بہ حق هوندو.

(2) ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي خود مختياريءَ واري حساب کان هن جي ملڪيت کان محروم نٿو ڪري سگهجي.

## قلم 18:

هر ڪنهن کي خيالن جي آزادي، پنهنجي ضمير ۽ مذهب جو حق حاصل هوندو، ان حق ۾ هي حق بہ شامل هوندا تہ هو پنهنجي مذهب ۽ ايمان جي تبديلي ۽ اها تبديلي هو اڪيلي طور، جماعتي طور يا عوامي طور ڪري سگهي ٿو. هو پنهنجي مذهب يا ايمان کي پڙهائڻ، سيکارڻ، عمل ڪرائڻ، عبادت ڪرڻ ۽ ان جي مشاهدي ڪرڻ جو مجاز هوندو.

## قلم 19:

هر ماڻهوءَ کي پنهنجي راءِ ۽ ان جي اظهار جي آزادي هوندي، ان حق ۾ اهو بہ شامل آهي تہ هو پنهنجا رايا بنا ڪنهن مداخلت جي رکي سگهي ٿو ۽ انهن جي باري ۾ ڄاڻ ۽ خيال ڪنهن بہ ذريعي سان بنا ڪنهن حدن جي انهن کي ڳولهي، حاصل ڪري ۽ پهچائي سگهي ٿو.

## قلم 20:

(1) هر ماڻهوءَ کي امن پسند ميڙ ۽ جماعت گڏ ڪرڻ جي آزاديءَ وارو حق حاصل هوندو.
(2) نه ئي ورڪي ڪنهن کي مجبور ڪيو ويندو ته هو ڪنهن جماعت سان شامل ٿئي.

## قلم 21:

(1) هر ماڻهوءَ کي اهو حق حاصل هوندو ته هو پنهنجي ملڪ جي حڪومت ۾ حصو وٺي ۽ اهو به سڌي سنئين طريقي سان يا آزاديءَ سان چونڊيل نمائندن جي ذريعي.
(2) هر ماڻهوءَ کي اهو هڪ جهڙو حق حاصل هوندو ته هو پنهنجي ملڪ ۾ عوام جي نوڪري- خدمت ڪري.
(3) ڪنهن به حڪومت جي اختيار جو بنياد عوام جي خواهش تي منحصر هوندو ۽ اهڙو اظهار مخصوص مدي ڪانپوءِ ٿيندڙ صحيح انتخابن- چونڊن ۾ ڪري سگهبو جيڪي دنيا ۾ تسليم ٿيل هونديون ۽ جيڪي ڳجهي ووٽ يا ان جي برابر واري ووٽ واري طريقي سان ٿينديون.

## قلم 22:

هر ماڻهو سماجي ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ اهو حق رکي ٿو ته هن کي سماجي تحفظ ڏنو وڃي ۽ ان جو مجاز هوندو ته اهو حق قومي جدوجهد ۽ بين الاقوامي سهڪار جي ذريعي سان حاصل ڪري ۽ اهي تنظيم ۽ رياست جي ذريعن مطابق هجن ۽ اهي ذريعا جيڪي اقتصادي, سماجي ۽ ثقافتي حق ڏين ٿا, اهي هن جي مان ۽ هن جي شخصيت جي آزاد پالنا سان نهڪندڙ هجن.

## قلم 23:

(1) هر ماڻهوءَ کي ڪم ڪرڻ جو حق هوندو. اهو ڪم هن جي پنهنجي مرضيءَ واري نوڪري, پسنديده ۽ انصاف تي مبني حالتن ۽ هن جي بيروزگاريءَ جي بچاءُ وارين حالتن سان نهڪندڙ هجن.
(2) هرهڪ ماڻهو بنا ڪنهن امتياز جي اهو حق رکي ٿو ته هو ساڳئي قسم جي ڪم لاءِ برابر پگهار جي تقاضا ڪري.
(3) هر ماڻهو جيڪو ڪم ڪري ٿو ان کي حق پهچي ٿو ته هن کي انصاف مطابق ۽ پسنديده اُجورو ملي ۽ ڪيس پڪ ڏياري وڃي ته هن کي ۽ سندس ڪٽنب کي

انساني شان شوڪت لائق وجود ملندو ۽ پڻ ان ۾ واڌارو آندو ويندو ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهيو ويو تہ ٻين ذريعن سان ڪيس سماجي تحفظ فراهم ڪيو ويندو.

(4) هر ماڻهوءَ کي اهو حق حاصل هوندو تہ پنهنجن مفادن جي تحفظ لاءِ هو تجارتي يونين پاڻ ناهي يا ان ۾ شامل ٿئي.

## قلم 24:

هر ماڻهوءَ کي آرام ۽ فالتو وقت ماڻڻ جو حق هوندو، ان ۾ ڪم ڪرڻ وارن ڪلاڪن جي عيوض واجبي حد تائين ۽ وقت بہ وقت پگهار سوڌو موڪلون بہ شامل هونديون.

## قلم 25:

(1) هر ماڻهوءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو اهو معيار رکڻ جو اختيار هوندو، جيڪو هن جي پنهنجي ۽ سندس ڪٽنب جي صحت ۽ بهتريءَ لاءِ موزون هجي، ان سان گڏ کاڌي، ڪپڙن، گهر ۽ صحت جي سنڀال ۽ ضروري سماجي خدمتون بيروزگاريءَ مهل تحفظ جو حق، بيماريءَ، لاچاريءَ، بيوه واري حالت، ٻڍاپ يا ٻئي گذاري واري گهٽتائيءَ وارين حالتن ۾ جيڪي هن جي قبضي کان ٻاهر آهن، اهڙين حالتن ۾ تحفظ فراهم ڪرڻو پوندو.

(2) ماتاپڻو ۽ ٻارائپ هڪ خاص سنڀال ۽ مدد جا مجاز هوندا، سڀ ٻار جيڪي گهر ۾ يا گهر کان ٻاهر پيدا ٿيل هجن پڻ سماجي تحفظ ماڻڻ جا حقدار هوندا.

## قلم 26:

(1) هر ماڻهوءَ کي تعليم جو حق حاصل هوندو، تعليم مفت فراهم ڪئي ويندي، خاص ڪري بنيادي ۽ ٻهرين منزلن ۾ پرائمري تعليم ضروري قرار ڏني ويندي، ٽيڪنيڪي ۽ ڌنڌي واري تعليم عام مهيا ڪئي ويندي ۽ وڌيڪ تعليم پڻ سڀني لاءِ ميسر ڪئي ويندي، جيڪا هوشياريءَ، لياقت ۽ خوبيءَ جي بنياد تي ڏني ويندي.

(2) تعليم کي اهڙي راهہ تي آندو ويندو جيئن انساني شخصيت جي پوري نشو نما ٿي سگهي ۽ انساني حقن ۽ انهن جي بنيادي آزادين لاءِ عزت ۽ مان مٿانهون ٿئي. اهڙي تعليم قومن، نسلن ۽ مذهبي گروپن منجهہ ڄاڻ، سهڻ شڪتي ۽ دوستيءَ کي پڻ فروغ ڏيندي ۽ گڏيل قومن جون مشغوليون پڻ عروج تي آڻينديون تہ جيئن دنيا ۾ امن قائم ڪري سگهجي.

(3) والدين کي پهريائين اهو حق ڏنو ويندو ته هو ڪهڙي به قسم جي تعليم پنهنجن ٻارن کي ڏياري سگهن ٿا.

### قلم 27:

(1) هر ماڻهوءَ کي اهو حق هوندو ته هو پنهنجي برادريءَ جي ثقافتي زندگيءَ ۾ آزاديءَ سان شامل ٿي سگهي ٿو هن کي آرٽ ماڻڻ جو حق ۽ سائنسي واڌاري ۽ ان جي فائدن ۾ حصيدار ٿيڻ جو پڻ حق هوندو.

(2) هر ماڻهوءَ کي پنهنجي اخلاقي ۽ مادي دلچسپين محفوظ ڪرڻ جو حق هوندو، جيڪي هو سائنسي، ادبي ۽ آرٽ سان پيدا ڪري ٿو ۽ جنهن جو هو خود مصنف يا مالڪ آهي.

### قلم 28:

هر هڪ ان سماجي ۽ بين الاقوامي نظم و نسق جو مجاز هوندو، جنهن ۾ هي حق ۽ آزاديون جيڪي هن پڌرنامي ۾ بحال ٿيل آهن، جيڪڏهن پوري نموني ۾ عمل ۾ آنديون وڃن ٿيون.

### قلم 29:

(1) هر ماڻهوءَ کي پنهنجي برادريءَ ڏانهن ڪجهه ذميواريون آهن، جنهن ۾ ئي صرف هن جي شخصيت جو آزاد ۽ پورو واڌارو ممڪن هوندو آهي.

(2) هن جي انهن حقن ۽ آزادين واري مشق ۾، هر ماڻهو صرف انهن حدن جو پابند هوندو جن جو فيصلو قانون ڪندو، صرف ان مقصد لاءِ ته هو گهربل ۽ صحيح نموني ۾ تسليم ڪيو وڃي ۽ انهن حقن ۽ آزادين لاءِ مان وٺي جيڪي اخلاقي طور قابل قبول هجن ۽ عوام جي نظم و ضبط، عام ڀلائي جيڪي هڪ عوامي سماج ۾ ممڪن آهن، انهن سان ٺهڪندڙ هجن.

(3) اهي حق ۽ آزاديون جيڪي گڏيل قومن جي اُصولن جي انحرافي ڪن، انهن جي ڪنهن به حالت ۾ مشق نه ڪئي ويندي- انهن کي عمل ۾ آندو ويندو.

### قلم 30:

هن پڌرنامي ۾ ڪا به ڳالهه اهڙي نموني ۾ نه سمجهائڻ گهرجي ته اهي چارٽر هر ڪنهن رياست گروپ ۽ شخص سان لاڳو هوندا يا اهو ڪو به حق ته هو ڪنهن به مشغولي ۾ حصو وٺي، يا هو ڪو به عمل ڪري جنهن جو مقصد بئي ڪنهن جي حقن ۽ آزادين جيڪي هن پڌرنامي ۾ ڏنل آهن، سلب ڪري سگهي ٿو.

## اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي حقن جو بين الاقوامي انجام نامو/ معاهدو

### جنرل اسيمبليءَ جو 16 ڊسمبر 1966ع وارو نهراءُ 2200A (XXI) جيڪو اختيار ڪيو ويو ۽ جيڪو صحيح ٿيڻ لاءِ بحال ڪرڻ لاءِ کوليو ويو.

عمل ۾ آڻڻ: 31 ڊسمبر 1972ع کان پهريائين عمل ۾ نہ آندو ويندو. (ڏسو آرٽيڪل نمبر 17)

**مهاڳ:**

**حاضر انجام نامي ۾ رياستي پارٽيون:**

اهو ويچاريندي تہ گڏيل قومن جي چارٽر جي اُصولن سان سهمت ٿيندي اسان کي گهرجي تہ انساني ڪٽنب جي سڀني ميمبرن جي هڪجهڙائي هر ميمبر جي اصلي شان ۽ غيرت کي تسليم ڪرڻ ئي آزادي، انصاف ۽ امن جو دنيا ۾ بنياد وجهڻ آهي ۽ ان ڳالهہ کي بہ تسليم ڪجي تہ اهي حق انسان جي اصلي عظمت مان ئي ورتا ويا آهن.

دنيا جي انساني حقوق جي پڌرنامي سان سهمت ٿيندي اهو بہ تسليم ڪرڻ گهرجي تہ ڪنهن نموني واري خيالي آزادي انسانن جي ڀوءَ ۽ گهرجن کان آزادي

تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن اهڙي قسم جون حالتون پيدا ڪيون وڃن، جيئن هرهڪ ماڻهو پنهنجا اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي حق ماڻي سگهي ۽ پڻ ملڪي ۽ سياسي حق حاصل ڪري.

ان تي پڻ غور ڪرڻ ۾ ڏسڻ ته رياستون گڏيل قومن جي چارٽر جي حساب سان ڪيترين ذميوارين پورين ڪري رهيون آهن. انساني حقن ۽ آزاديءَ جي پرگهور لهندي ڪائنات ۾ انساني عظمت وڌائڻ ۾ هٿ ونڊائي رهيون آهن.

اهو محسوس ڪندي ته فرد جيڪو ٻين فردن ۽ پنهنجي برادري جن سان هو تعلق رکي ٿو انهن ڏانهن هو ذميوار آهي ته هو ان ذميواريءَ کي به نڀائي ۽ نوان طريقا ڳولهي ۾ انهن انساني حقن کي جيڪي هن انجام نامي ۾ تسليم ٿيل آهن، انهن جي واڌاري لاءِ ڪوشان رهي.

هيٺين قلمن Articles تي متفق ٿيندي.

## حصو پهريون:

### قلم 1:

(1) سيني ماڻهن کي خود اراديت جو حق آهي. ان حق جي خاصيت سان هو آزاديءَ سان پنهنجي لاءِ سياسي بيهڪ حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ آزاديءَ سان پنهنجي اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي واڌاري لاءِ ڳولا ڪري سگهي ٿو.

(2) سيئي ماڻهو پنهنجي مقصد لاءِ آزاديءَ سان پنهنجن قدرتي ذريعن ۽ دولت کي استعمال ڪري سگهن ٿا بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ڪنهن به ذميواري محسوس ڪرڻ کان سواءِ ته هو بين الاقوامي اقتصادي ڀڏيءَ ۾ ٻڌل آهي ۽ جيڪو هڪٻئي جي فائدي ۾ بين الاقوامي قانون تي قائم آهي. ڪنهن به حالت ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي هستيءَ جي حق کان محروم نٿو ڪري سگهجي.

(3) رياستي پارٽيون هيٺئين انجام نامي مطابق ۾ اهي رياستون جن تي خود حڪومت نٿيون ڪن ۽ ٽرسٽ وارين حدن جي انتظام لاءِ ذميوار آهن، پڻ حق خود اراديت جي واڌاري لاءِ ڪم ڪنديون ۽ ان حق جي عزت ڪنديون پر اهڙي حق جو اطلاق گڏيل قومن جي چارٽر ۾ موجود هجي.

## حصو ٻيو:

### قلم: 2

(1) هرهڪ رياستي پارٽي هن انجام نامي سان ٺهڪندي اها ذميواري کڻي ٿي ته هوءَ ان ڏس ۾ انفرادي طور تي يا بين الاقوامي مدد ۽ سهڪار سان قدم کڻندي

۽ خاص ڪري اقتصادي ٽيڪنيڪي قدم پنهنجي وس آهر ۽ سرنديءَ پٽاندڙ موجود ذريعن مطابق کڻندي, ۽ موجوده انجام نامي ۾ تسليم ٿيل حقن کي ترقي پسندانہ ۽ مڪمل احساس ۽ موزون ذريعن جي طريقي سان انهن کي عمل ۾ آڻيندي ۽ انهن جي قانوني اُپائن کي پڻ اختيار ڪندي.

(2) رياستي پارٽيون هن انجام نامي ۾ اها ذميداري کڻنديون تہ هو پڪ ڏين تہ انهن حقن کي جيڪي هن انجام نامي- معاهدي ۾ بيان ڪيل آهن تن کي عمل ۾ آڻڻ جي لاءِ ڪنهن بہ قوم, رنگ, نسل ۽ جنس, زبان, مذهب, سياسي يا ٻئي ڪنهن قومي, سماجي, دولت, نسل, يا ٻئي ڪنهن بہ هڪواري متڀيد ڪانسواءِ انهن حقن جي پوئواري ڪنديون.

(3) ترقي پذير ملڪ پڻ انساني حقن ۽ پنهنجي قومي معيشت جي تور تڪ ڪري فيصلو ڪندا تہ هنن ڪيتري حد تائين پنهنجي غير قومي ماڻهن کي اقتصادي حقن ڏيڻ جي ذميداري کنئي ۽ ان ڏس ۾ پڪ ڏيارينداسين.

## قلم 3:

رياستي پارٽيون هن موجوده معاهدي ۾ اها ذميداري کڻنديون ۽ يقين ڏياريندي‌يون تہ اقتصادي, سماجي ۽ ثقافتي حق جيڪي هن انجام نامي ۾ ظاهر ڪيا ويا آهن اهي پنهنجين رياستن ۾ عورتون ۽ مرد بنا تفريق جي هڪجهڙا ۽ هڪ جيترا ماڻيندا.

## قلم 4:

رياستي پارٽيون هن معاهدي ۾ اهو تسليم ڪنديون تہ رياستون هن انجام نامي سان جن حقن تي سهمت ٿينديون انهن حقن جي ماڻڻ لاءِ رياستون انهن کي ان حد تائين آڻي سگهن ٿيون, جيڪي قانوني طور نافذالعمل ٿي سگهن ۽ اهي حق فطرت سان هموار هجن ۽ خاص ڪري ان مقصد هيٺ عمل ۾ آندا وڃن تہ اهي جمهوري سوسائٽيءَ جي عام ڀلائيءَ واري مقصد ۾ واڌارو آڻين.

## قلم 5:

(1) هن موجوده معاهدي ۾ ڪنهن بہ رياست لاءِ اهو اشارو نٿو ڪيو وڃي ۽ نہ ڪنهن گروپ يا شخص ڏانهن اشارو ملي ٿو نہ هن کي ڪنهن بہ مشغولي يا قدم جي اجازت ملي ٿي تہ هو هتي هن انجام نامي ۾ تسليم ٿيل اُصولن کي ناس ڪري يا ٽوڙي, انهن حقن کي گهٽائڻ ۽ وڌائڻ يا حد بنديءَ جو ڪنهن کي حق نہ ٿو ملي, جيڪي حق هن معاهدي ۾ بيان ڪيل آهن.

(2) ڪنهن بہ ملڪ جي پابندي يا گهٽ وڌائيءَ کي ۽ ڪنهن بہ ملڪ جي تسليم ٿيل انساني آزادين ۽ ملڪ جي قانونن، ميڙن، قاعدن ۽ ريتن جي خاصيتن سان هن انجام نامي ۾ ڦير گهير نہ آندي ويندي، ڇاڪاڻ تہ ان جو جواز اهو آهي تہ موجوده معاهدو انهن حقن کي تسليم نٿو ڪري يا اهو تہ هو انهن حقن کي گهٽ نموني تسليم ڪري ٿو.

## حصو ٽيون:

### قلم: 6

(1) رياستي پارٽيون موجوده معاهدي- انجام نامي جي ڪم ڪرڻ واري حق کي تسليم ڪن ٿيون، جنهن ۾ اهو پڻ شامل آهي تہ هر ماڻهوءَ کي ان جو موقعو ملڻ گهرجي تہ هو پنهنجي گذران لاءِ فائدو وٺي ۽ ڪوبہ ڪم ڪري جيڪو هو آزاديءَ سان پنهنجي لاءِ چوندي ٿو يا منظور ڪري ٿو ۽ ان حق جي حفاظت لاءِ موزون قدم کڻي سگهي ٿو.

(2) رياست جي پارٽي هن انجام نامي مطابق اهي قدم کڻندي، جنهن سان اهو حق ماڻهن کي حاصل ٿي سگهي ۽ ان ۾ اهو پڻ شامل هوندو تہ هو ٽيڪنيڪي ۽ مختلف ڏنڌي واريون تربيتون، سکيا جا پروگرام، پاليسيون ۽ هنرن جا پروگرام ڪندي تہ جيئن لڳاتار ۽ مستقل اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي واڌارو اچي سگهجي ۽ پوريون پيداواري ملازمتون- روزگار فراهم ڪري سگهجن جيڪي اهي حالتون پڻ پيدا ڪن جن ۾ انفرادي بنيادي سياسي ۽ اقتصادي آزاديون پڻ محفوظ رهن.

### قلم 7:

رياستي ڌريون هن انجام نامي ۾ ڏنل هرهڪ ماڻهوءَ جي انهيءَ حق کي بہ تسليم ڪنديون، هو ڪم ڪرڻ وارين صحيح ۽ فائديمند حالتن کي نظر ۾ رکن، جيڪي خاص ڪري هيٺين ڳالهين جي پڪ ڏيارين ٿيون.

a) اُجورو جيڪو سڀني ڪم ڪندڙن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هيٺين ريت فراهم ٿئي:

(i) سٺيون پگهارون ۽ هڪ جيترو اُجورو جيڪڏهن هڪجهڙي نوعيت جو ڪم هجي بنا ڪنهن متڀيد رکڻ جي، خاص ڪري عورتن کي ان جي پڪ ڏياري وڃي تہ انهن کي مردن کان گهٽ بيهڪ ڪونہ ملندي ۽ انهن کي هڪ جيتري ڪم لاءِ هڪ جيتري پگهار ملندي.

(ii) انهن لاءِ ۽ انهن جي ٻارڙن جي لاءِ بهتر گذران مهيا ڪرڻ پر اهو هن انجام نامي جي دائري اندر ڏنل حقن مطابق هوندو.

b) محفوظ ۽ صحتمند حالتون، ڪم ڪرڻ واريون حالتون.

c) هر ماڻهوءَ لاءِ برابريءَ وارو موقعو ۽ هن کي روزگار ۾ ترقي برابريءَ واري بنياد تي ڏني وڃي ۽ موزون مٿين سطح تي آڻڻ پڻ. بشرطيڪ ان ۾ هوشياري ۽ ڪم ڪرڻ واري تجربي کي نظر ۾ رکيو ويندو.

d) آرام، فالتو وقت ۽ ڪم ڪرڻ جي ڏينهن جو عيوض محدود ڪلاڪن تي مشتمل هوندو. هڪ مدي ڪانپوءِ پگهار سان گڏ موڪل ۽ عام موڪلن ۾ پڻ معاوضو ڏنو ويندو.

## قلم 8:

(1) رياستي ڌريون هن انجام نامي ۾ هيٺين ڳالهين جي پورائي لاءِ پڪ ڏياريندڙيون ۽ ذميداري کڻنديون تہ:

(a) هر ڪنهن ماڻهوءَ کي اهو حق ڏنو ويندو تہ هو ٽريڊ يونينون ٺاهي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن بہ ٽريڊ يونين سان ملي بشرطيڪ تنظيم جي قاعدن ۽ قانونن کي نظر ۾ رکي ۽ پنهنجي اقتصادي، سماجي تحفظ ۽ واڌاري کي پڻ پسي. هن جي هن حق تي ڪنهن بہ قسم جي پابندي ناهي، سواءِ اهو تہ هو انهن قانونن جي دائري ۾ رهي ۽ انهن قانونن کي هنڊائي جيڪي هڪ جمهوري سماج لاءِ ضروري آهن ۽ قومي تحفظ ۽ عوامي انتظام جو باعث آهن يا ٻين جي حقن جي آزادي ۽ تحفظ جا ضامن آهن.

(b) ٽريڊ يونين کي اهو حق آهي تہ هو قومي فيڊريشن ٺاهي يا ڪانفيڊريشن ٺاهي يا سندس اهو حق تہ هو ڪنهن بہ بين الاقوامي ٽريڊ يونين يا تنظيم ۾ ڳنڍجي.

(c) ٽريڊ يونين جو اهو حق تہ هوءَ آزاديءَ سان ڪوبہ ڪم ڪري سگهي تي ۽ ڪنهن بہ حد يا شرط هيٺ نہ ايندي سواءِ انهن پابندين جي جيڪي قانون لاڳو ڪري ٿو ۽ اهي جيڪي ڪنهن بہ جمهوري سماج لاءِ ضروري آهن ۽ قومي سلامتي، يڪجهتي ۽ عوامي نظم و ضبط رکڻ ۾ معاون ثابت ٿين ٿيون يا ٻين جي حقن ۽ آزادين لاءِ ضروري آهن.

(d) هڙتال ڪرڻ جو حق بشرطيڪ ان کي ان جا ملڪي قانون اجازت ڏين.

(2) هي قلم قانوني پابندين مڙهڻ کان نٿو بچائي يا انهن حقن کان محفوظ نٿو رکي جيڪي فوجي، پوليس يا رياست جي انتظام وارن سان لڳن ٿا.

(3) هن قلم جي ڪابہ ڳالهہ رياستي ڌرين کي اهو اختيار نہ ٿي ڏئي تہ هو ILO جي 1948ع واري ميڙ جي پيڪڙي ڪن جيڪو ميڙ جماعت جي آزاديءَ سان واسطو رکي ٿو ۽ جيڪو انهيءَ حق کي محفوظ رکي ٿو تہ هو پاڻ کي تنظيم ۾ آڻي سگهن ٿا ۽ قانوني اُپاءَ وٺي سگهن ٿا. جيڪي تعصب پيدا ڪن ٿا يا قانون کي اهڙي نموني ۾ نافذ ڪن ٿا جيڪو تعصب پيدا ڪري ۽ اهڙي قسم جا ذما جيڪي انهيءَ ۾ ميڙ ۾ ڪنيا ويا آهن.

## قلم 9:

رياستي ڌريون هن معاهدي هيٺ هر هڪ ماڻهوءَ جو سماجي تحفظ وارو حق تسليم ڪن ٿيون ۽ ان ۾ سماجي ويمو پڻ شامل آهي.

## قلم 10:

رياستي پارٽيون هن انجام نامي ۾ اهو تسليم ڪن ٿيون تہ:

(1) ڪنهن بہ ڪٽنب کي ممڪن وسيع ترين تحفظ ۽ مدد مهيا ڪئي وڃي جيڪو سماج جو بنيادي ۽ قدرتي يونٽ آهي، خاص ڪري ان جي برپا ڪرڻ لاءِ ۽ ان سان گڏوگڏ ان جي ننڍڙن ٻارڙن جيڪي ان ڪٽنب تي دارومدار رکن ٿا تن جي تعليم جي ذميواري کڻڻ. شادي ٻنهي يعني عورت ۽ مرد جي مرضيءَ سان ٿيڻ گهرجي.

(2) مائرن کي ٻار جي جمڻ کان پهريائين ۽ بعد ۾ جائز مدي تائين خاص تحفظ مهيا ڪرڻ گهرجي. اهڙي وقت ۾ ڪم ڪندڙ مائرن کي اُجوري سميت موڪل ڏيڻ گهرجي يا موڪل سان گڏ موزون سماجي تحفظ جا فائدا فراهم ڪرڻ گهرجن.

(3) ٻارن جي واسطي ۾ نوجوانن لاءِ بنا ڪنهن پيدائش يا ٻين حالتن جي تفريق ڪانسواءِ انهن جي مدد ۽ بچاءُ لاءِ خاص اُپاءَ وٺڻ گهرجن. ٻارڙن ۽ نوجوانن کي اقتصادي استحصال کان بچائڻ گهرجي. انهن جو روزگار ڪم ڪرڻ جي حساب سان جيڪڏهن انهن جي اخلاقن لاءِ يا صحت لاءِ هاڃيڪار آهي يا زندگيءَ لاءِ خطرناڪ آهي يا انهن جي عام ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي تہ اهڙا روزگار فراهم ڪندڙ ايجنسيءَ کي قانوني سزا ڏيڻ گهرجي. رياستن کي عمرن جي حد مقرر ڪرڻ گهرجي جنهن کان هيٺ وارن ٻارن ۽ نوجوانن جي نوڪري يا مزدوريءَ لاءِ منع هئڻ گهرجي ۽ قانوني طور سزا لائق هئڻ گهرجي.

## قلم: 11

(1) رياستي ڌريون موجوده معاهدي مطابق ان ڳالهه کي تسليم قرار ڏينديون ته هرهڪ ماڻهوءَ کي اهو حق پهچي ٿو ته هو پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ گذران جو پورو بندوبست ڪري، ان ۾ مناسب کاڌ خوراڪ، ڪپڙو لٽو اجهو ۽ رهڻ وارين حالتن ۾ مسلسل، لڳاتار ترقيءَ جي ضمانت هئڻ گهرجي. رياستي ڌريون ان لاءِ موزون قدم کڻنديون ته انهيءَ حق جي تعبير ملڻ گهرجي ۽ ان کي انهيءَ حد تائين موثر رهڻ گهرجي جو انهيءَ ڏس ۾ ضروري ۽ اهم عالمگير سهڪار ۽ مفت صلاح مشورا فراهم ڪري.

(2) اهي رياستون جيڪي هن انجام نامي جي ڌر آهن هر ماڻهوءَ جي انهيءَ بنيادي حق کي تسليم ڪندي ته هو بک کان نجات حاصل ڪري ۽ انفرادي طور ۽ بين الاقوامي سهڪار جي ذريعي اهڙا اُپاءَ انهن مخصوص پروگرامن سان گڏ وٺنديون، جنهن جي هو ضرورت محسوس ٿئي:

(الف) پيداوار جي طريقن ۾ واڌارو آڻي پنهنجي کاڌي ۽ خوراڪ جي ورهاست جي حفاظت ڪري ۽ اهو سائنسي طريقي، ٽيڪنيڪي طريقن جي استعمال جي ذريعي ۽ غذا جي اُصولن جي ڄاڻ ڦهلائي زرعي سرشتن ۾ سڌارو آڻي اهڙي طريقي سان جو انهن ۾ تمام قابل قبول واڌارو اچي ۽ قدرتي ذريعن جو ٻه پورو استعمال ٿئي.

(ب) ٻنهي قسم جي ملڪن کي حساب ڪتاب ۾ رکي يعني اهي ملڪ جيڪي ٻاهران اناج گهرائن ٿا ۽ اهي جيڪي ٻاهر موڪليندا آهن انهن ٻنهي ۾ اهو ڏسي ته کاڌ خوراڪ جي دنيا ۾ مناسب ورهاست ضرورت جي حساب سان ٿي آهي.

## قلم 12:

(1) اهي رياستون جيڪي هن معاهدي جون ڌر آهن اهي هر ماڻهوءَ جي ان حق کي تسليم ڪن ٿيون ته هو پنهنجي جسماني ۽ دماغي صحت جو بهترين معيار رکي جيڪو وڌ ۾ وڌ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

(2) رياستون جيڪي هن انجام نامي جي ڌر آهن اهڙا اُپاءَ وٺنديون جيئن اهو مٿيون حق حاصل ڪن ۽ انهن ۾ هيٺيون شيون ٻه شامل آهن:

(الف) اهڙا وسيلا مهيا ڪرڻ جنهن تحت مئل ٻارن جي جم ۾ ڪمي ۽ ٻارن جي مرڻ واري شرح ۾ ڪمي آڻي سگهجي ۽ ٻار جي نشو نما. واڌارو صحتمند نموني ٿي سگهي.
(ب) حالتن. ماحول ۽ صنعتي ماحول ۾ تندرستي پيدا ڪرڻ واسطي سيني طرفن کان واڌاري لاءِ اُپاءَ وٺڻ.
(ث) وچڙندڙ ۽ ڦهلجندڙ موضي مرضن. خاص قومي مرضن ۽ عام مرضن جي بچاءُ، علاج ۽ انهن تي مڪمل ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ.
(د) اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ جنهن هيٺ هر ڪنهن کي جيڪڏهن ڪو بيمار ٿئي تہ صحت واري خدمت ۽ ڌيان مهيا ٿي سگهي.

## قلم 13:

(1) اهي رياستون جيڪي هن معاهدي جون ڌر آهن هرهڪ ماڻهوءَ جي تعليم جو حق تسليم ڪنديون. اهي ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ انساني شخصيت جي پوري نشو نما لاءِ هر تعليم مهيا ڪرڻ گهرجي. جيڪا ان جي شخصيت ۾ عظمت آڻي ۽ انساني حقن ۽ انساني آزاديءَ کي مقدم رکڻ لاءِ مضبوطي بخشي. اهي وڌيڪ ان ڳالهہ سان بہ متفق آهن تہ تعليم سيني ماڻهن کي ان لائق ڪري ٿي جو هو آزاد سماج ۽ معاشري ۾ موثر نموني سان رلي ملي وڃي ٿو سمجهہ کي وڌائي ٿي. برداشت جو مادو پيدا ڪري ٿي ۽ سيني نسلن. قومي. ثقافتي ۽ مذهبي گروهن جي دوستيءَ ۾ واڌارو آڻي ٿي ۽ گڏيل قومن جي مشغولين ۾ تيزي آڻي ٿي ۽ امن جي پرچار ۾ مدد ڏئي ٿي.
(2) اهي رياستون جيڪي هن انجام نامي جي ڌر جون آهن ان ڳالهہ کي تسليم ڪن ٿيون تہ انهيءَ بنيادي حق جي حصول لاءِ:
(الف) بنيادي. پرائمري تعليم ضروري ۽ مفت سيني کي مهيا ڪرڻ گهرجي.
(ب) مددگار تعليم. سيڪنڊري تعليم مختلف مرحلن ۾ ٽيڪنيڪل ۽ ڌنڌي واري ٻي تعليم بہ عام ڪرڻ گهرجي ۽ موزون ذريعن سان سيني جي پهچ تائين هئڻ گهرجي. خاص ڪري ترقي پسنديءَ سان عام ۽ مفت نموني ۾ مهيا ڪرڻ گهرجي.
(ث) وڌيڪ تعليم پڻ هڪ ئي نموني ۾ سيني جي پهچ لائق هئڻ گهرجي ۽ خاص ڪري ترقي پسندانہ طريقي سان مفت نموني شروع ڪرڻ گهرجي.

(د) بنيادي تعليم کي همٿايو وڃي ۽ ايتري حد تائين زور ونايو وڃي جيستائين ممڪن هجي، خاص ڪري انهن ماڻهن تائين جن پرائمري تعليم حاصل نہ ڪئي هجي.

(ي) اسڪولن جي سرشتي جي واڌاري لاءِ ڪوجنا ٿيڻ گهرجي، انهن ۾ ڪاليج وارن ساٿين جهڙو سرشتو برپا ٿيڻ گهرجي ۽ سکيا ڏيندڙ اسٽاف جي لڳاتار مادي ترقي ۽ انهن جي واڌاري ۾ مسلسل اضافو ٿيڻ گهرجي.

(3) اهي رياستون جيڪي هن معاهدي جي ڌر آهن اهي ذميواري کڻن ٿيون تہ انهن کي ٻارڙن جي والدين جي آزاديءَ لاءِ مان آهي تہ هو جڏهن بہ ضروري سمجهن تہ انهن ٻارن جا قانوني سنڀاليندڙ پنهنجن ٻارن لاءِ جيڪو بہ اسڪول سمجهن انهن ۾ داخل ڪرائي سگهن ٿا ۽ اهي ٻيا اسڪول بہ ٿي سگهن ٿا، جيڪي پبلڪ اختياري وارن برپا ڪيا هجن، جنهن ۾ تعليم جو معيار انهن جي سرڪارن طئي ڪيو هجي. اهي رياستون ان جو پڻ يقين ڏين ٿيون تہ انهن جي ٻارن کي مذهبي ۽ اخلاقي تعليم مهيا هوندي ۽ اها بہ انهن جي پنهنجي مذهب ۽ ايمان سان سهمت هوندي.

(4) هن قلم جو ڪوبہ حصو انفرادي يا جماعتن جي آزاديءَ ۾ خلل نٿو وجهي، جيڪڏهن هو سڌي نموني ۾ پاڻ پنهنجا تعليمي ادارا کولڻ چاهين ٿا. بشرطيڪ اهي انهن کي انهن اُصولن تي هلائين جيڪي هن قلم جي پهرين پيراگراف ۾ ظاهر ڪيل آهي ۽ انهن جي تقاضا اها آهي تہ اهڙن ادارن ۾ جيڪا تعليم ڏني وڃي ٿي ان جو گهٽ ۾ گهٽ معيار ايترو تہ هئڻ گهرجي جيڪو رياستون مقرر ڪن ٿيون.

## قلم 14:

هرهڪ رياست جيڪا هن معاهدي جي ڌر آهي، هن معاهدي جي ڌر ٿيڻ وقت ان قابل نہ هئي تہ هوءَ وڏن شهرن جي حد پنهنجي رياست ۾ قرار ڏيئي يا ٻين حدن ۾ ضروري، پرائمري/ بنيادي تعليم مفت فراهم ڪري پر هاڻي هوءَ ذميواري کڻي ٿي تہ ٻن سالن جي اندر هو ان جي عمل لاءِ واضح رٿا رٿيندي ۽ اختيار ڪندي تہ جيئن انهيءَ رٿا کي ترقي پسندانہ طريقي سان عمل ۾ آڻجي ۽ مناسب سالن/ وقت اندر اهڙي رٿا مقرر ڪئي ويندي ۽ اهو بہ ضروري تعليم ۽ مفت واري نظريي هيٺ ان رٿا تي ڪم ڪندي.

## قلم 15:

(1) اهي رياستون جيڪي هن معاهدي جي ڌر آهن پنهنجي ملڪ جي هر ماڻهوءَ جي ان حق کي تسليم ڪن ٿيون ته:

(الف) هو پنهنجي ثقافتي زندگيءَ ۾ ڀرپور ونڊي سگهي ٿو.

(ب) سائنسي ترقي ۽ ان جي ذريعن جا فائدا وٺي سگهي ٿو.

(ٿ) سائنسي، ادبي ۽ آرٽ جي ڪمن جنهن جو هو مالڪ آهي، انهن مان ملندڙ فائدا جيڪي اخلاقي يا مادي قسم جا هجن، وٺڻ جو حق رکي ٿو.

(2) رياستن کي جيڪي هن معاهدي جي ڌر آهن، هن حق جي پوري حصول لاءِ اهڙا اُپاءَ وٺڻ گهرجن جيئن ماڻهن جي ثقافت ۽ سائنس جو تحفظ، ڪنو ڪرڻ، انهن جي ترقي ۽ انهن ٻنهي جو ميلاپ ٿي سگهي.

(3) اهي رياستون جيڪي هن انجام نامي جون ڌر آهن، ان آزاديءَ جي ذميواري کڻن ٿيون جيڪي سائنسي تحقيق کي تخليقي مشغولين سان ملائي ٿي.

(4) هن انجام نامي جي ڌر واريون رياستون انهن فائدن کي پڻ تسليم ڪن ٿيون جيڪي بين الاقوامي لاڳاپا ۽ سهڪار، سائنسي ۽ ثقافتي بنياد تي ورتا ويندا.

## حصو VI

## قلم 16:

(1) اهي رياستون جيڪي هن معاهدي جي ڌر آهن اها ذميواري کڻن ٿيون ته اهي هن انجام نامي جي رپورٽن ۾ جيڪي هنن اُپاءَ ورتا آهن ۽ تسليم ٿيل حقن جي پوئواريءَ لاءِ جيڪي اڳتي وڌيا آهن انهن سان هو متفق آهن.

(2) الف) هن جون سڀ رپورٽون گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي پيش ڪيون وينديون، جيڪو وري انهن رپورٽن کي پنهنجي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل ڏانهن منتقل ڪندو، جيڪي وري ان جي ٺهرائن سان مطابقت ڳوليندڀون ۽ ان تي غور ڪنديون.

(ب) گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل انهن رپورٽن جون ڪاپيون يا انهن جا ڪجهه حصا پنهنجن خاص شاخن ڏانهن پڻ منتقل ڪندو. اهي رپورٽون جيڪي هن انجام نامي جي ڌر وارين رياستن کان اينديون، اهي سڄيون رپورٽون يا انهن جا ڪجهه حصا انهن معاملن سان تعلق رکي سگهن ٿا، جن

جو واسطو اهڙين خاص ايجنسين جي ذميوارين سان هجي يا انهن جي دستوري قلمن سان ٺهڪندا هجن.

**قلم 17:**

(1) هن معاهدي جي ڌر وارين رياستن کي پنهنجون رپورٽون مختلف منزلن جي حساب سان هڪ پروگرام هيٺ ڏاهڻ گهرجن. جيئن انهن کي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل هڪ سال اندر انهن رياستن ۾ برپا ڪري سگهي جيڪي هن انجام نامي جي ڌر آهن.

(2) اهي رپورٽون انهن جزن ۽ دشوارين کي ظاهر ڪنديون جيڪي انهن ذميوارين کي موجوده انجام نامي مطابق پورو ڪرڻ وقت آڏو اچن ٿيون.

(3) جيڪڏهن موجوده انجام نامي جي ڌر واري ڪا رياست ڪنهن نموني سان پهريائين ڪا اهڙي ڄاڻ گڏيل قومن يا ان جي ڪنهن خاص شاخ تائين پهچائي چڪي آهي تہ ان ڄاڻ کي وري پيش ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي بلڪ ان جو پورو پورو حوالو ڏيڻ ڪافي آهي.

**قلم 18:**

گڏيل قومن جي چارٽرن جي ڄاڻايل ذميدارين مطابق، انساني حقن ۽ بنيادي آزاديءَ جي سلسلي ۾، گڏيل قومن جي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل پنهنجي خاص شاخن سان رپورٽن جو اهڙو بندوبست ڪري سگهي ٿي. هن انجام نامي جي اُصولن سان ٺهڪندڙ پروگرامن جاري ڪرڻ جي ڪيتري ترقي ٿي آهي، اهو ان جي مشغولين ۾ شامل هوندو. انهن رپورٽن ۾ فيصلن جا خلاصا ۽ سفارشون ۽ انهن جي پوئواري جيڪي ان جي اختيار وارين شاخن پوريون ڪيون آهن، ۾ شامل هونديون.

**قلم 19:**

اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل اهڙين رپورٽن کي انساني حقن واري ڪميشن ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي، جيڪا انهن جو اڀياس ڪندي يا عام سفارشون تجويز ڏيندي يا جيئن هو مناسب سمجهي يا انهن رپورٽن جي خبرگيري ڪري جيڪي قلم 16 ۽ 17 مطابق هن وٽ اچن ۽ اهي جيڪي انساني حقن سان واسطو رکن ۽ اسپيشل شاخن وٽان قلم 18 مطابق هن ڪائونسل وٽ اچن.

**قلم 20:**

هن معاهدي جي ڌر واريون رياستون ۽ واسطو رکندڙ خصوصي ايجنسيون انهن رپورٽن تي قلم 19 مطابق تبصرو ڪري سگهن ٿيون يا ڪا عام سفارش ڪري سگهن ٿيون. جيڪي اهي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل ڏانهن موڪليندييون يا ان سفارش جي حوالي سان ڪنهن به ڪميشن جي رپورٽ تي يا دستاويز تي پڻ تبصرو يا تنقيد ڪري سگهن ٿيون. جيڪڏهن اها انهن ڏانهن حوالي لاءِ موڪلي وڃي.

### قلم 21:

اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل وقت به وقت جنرل اسيمبليءَ ڏانهن عام سفارش لاءِ جاڻ جي خلاصي لاءِ موڪلي سگهي ٿي. جيڪي هن کي هن انجام نامي جي ڌر واريون رياستون ۽ خصوصي شاخون اهو ڄاڻائڻ لاءِ موڪلين ٿيون ته انهن ڪهڙا اُپاءَ ورتا ۽ انهن انساني حقن جيڪي هن انجام نامي ۾ منظور ٿيل آهن. انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ عملي طور تي ڪيتري ترقي ٿي آهي.

### قلم 22:

اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل گڏيل قومن جي ٻين شاخن. ان جي هيٺين شاخن ۽ خصوصي ايجنسين جو ڌيان ڇڪائي سگهي ٿي. خاص ڪري ته اها ٽيڪنيڪي مدد جيڪا ڪنهن به معاملي ۾ انهن رپورٽن مان پيدا ٿي سگهي ٿي. جيڪي انهن تنظيمن کي فيصلي ڪرڻ واري ڏس ۾ امداد ڏيئي سگهن ٿيون ۽ اهو به پنهنجي اڪابري جي دائري ۾ ۽ بين الاقوامي اُپائن ونڻ جي شوري واري سلسلي ۾ ته اهو بين الاقوامي اُپاءَ ڪهڙي نموني هن موجوده معاهدي کي ڪهڙي ترقي پسنداڻي ۽ موثر طريقي سان عمل ۾ آڻي سگهي ٿو.

### قلم 23:

هن معاهدي جي ڌر واريون رياستون انهيءَ نُقطي تي متفق آهن ته اهي حق جيڪي هن انجام نامي ۾ ڄاڻايل آهن انهن جي حصول لاءِ بين الاقوامي قدم موزون رهندو ۽ انهيءَ عمل ۾ ڪنهن به ميڙ جي فيصلہ ڪن ڪرڻ. سفارشون. ٽيڪنيڪي مهارت ۽ ڄاڻ. علائقائي گڏجاڻيون ۽ ٽيڪنيڪي گڏجاڻيون جيڪي صلاح مشوري جي خيال ۽ اڀياس جي لحاظ کان ڪيون وينديون ۽ حڪومتن لاءِ ڪيون وينديون. جيڪي هن ڌر جون آهن. اهي سڀ ڳالهيون شامل آهن.

### قلم 24:

هن معاهدي ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ يا نُقطو بيان نہ ڪيو ويندو. جيڪو گڏيل قومن جي خاص حقن ۽ قانون کان ٻاهر هوندو ۽ ان جي خصوصي ايجنسين جي دستور جي

دائري کان ٻاهر هوندو، چاڪاڻ تہ اهي گڏيل قومن جي مختلف ۽ ڪيترن شاخن ۽ مخصوص ايجنسين جي هن معاهدي جي معاملن سان ٺهڪندڙ هوندا.

### قلم 25:

هن معاهدي ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ يا نُقطو نہ هوندو، جيڪو انسانن جي بنيادي حق ۽ ماڻهن جي عام حق تہ هو آزاديءَ سان قدرتي دولت ۽ ان جي ذريعن کي ماڻي سگهن ٿا ۽ آزاديءَ سان استعمال ڪري سگهن ٿا، ان حق جي انحرافي ڪندو.

## حصو 7

### قلم 26:

(1) هي انجام نامو گڏيل قومن جي ڪنهن بہ ميمبر يا ان جي ڪنهن بہ خصوصي ايجنسيءَ جي ميمبر جي صحيح لاءِ کليل هوندو ۽ رياستن لاءِ پڻ جيڪي بين الاقوامي ڪورٽ جي ڪنهن قاعدي سان ڳنڍيل آهن يا گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ طرفان مدعو ٿيل آهن تہ اهي بہ هن انجام نامي جي ڌر ٿي سگهن ٿيون.

(2) هيءُ انجام نامو وري بحال ٿي سگهي ٿو پر ان جي بحاليءَ جي درخواست گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي ڏني ويندي.

(3) هيءُ معاهدو وڏاءُ گهٽاءُ لاءِ ڪنهن بہ رياست لاءِ کليل رهندو، جيڪو هن جي قلم پهرين مطابق هوندو.

(4) ان وڏاءُ يا گهٽاءُ کي موثر ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي منظوريءَ جي ضرورت پوندي.

(5) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي اهڙي وڏاءُ لاءِ انهن سيني رياستن کي اطلاع ڏيڻو پوندو، جيڪي هن انجام نامي جون ڌر آهن يا جن ان جي وڏاءُ يا بحاليءَ لاءِ صحيح ڪئي آهي.

### قلم 27:

(1) موجوده معاهدو گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل وٽ ٽن مهينن تائين رهڻ کانپوءِ ئي زور پڪڙيندو ۽ ان جا ٽي مهينا ان تاريخ کان ڳڻيا ويندا، جنهن تاريخ تي اهو وڏاءُ وارو اوزار يا 35 بحاليءَ وارو اوزار سيڪريٽري جنرل وٽ جمع ڪيو ويندو.

(2) هر رياست لاءِ جيڪا هن معاهدي ۾ بحالي آڻيندي يا ان جي منظوري ڏيندي خاص ڪري ان 35 بحاليءَ واري اوزار يا وڌاءَ واري اوزار جي جمع ٿيڻ ڪانپوءِ هي معاهدو ان جي جمع ٿيڻ واري تاريخ کان ٽن مهينن ڪانپوءِ اصلي زور وٺندو.

**قلم 28:**

هن معاهدي / انجام نامي جا قانون وفاقي رياستن جي سڀني حصن تائين بنا ڪنهن حدن جي تعين جي ڦهلجندا.

**قلم 29:**

ڪابہ رياست جيڪا هن انجام نامي جي ڌر آهي اها هن انجام نامي جي درستيءَ لاءِ رٿ پيش ڪري سگهي ٿي ۽ انهيءَ درستيءَ کي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل وٽ جمع ڪرائڻو پوندو. سيڪريٽري جنرل وري انهن درستين مان جيڪي بہ چاهي انهن کي هن انجام نامي جي ڌرين ڏانهن خيالن جي ڏي وٺ لاءِ ان فرض سان منتقل ڪندو تہ هو ان ڳالهہ کي ذهن نشين ڪن پوءِ اهي ان درستيءَ جي ڪانفرنس ۾ ووٽن جي ذريعي فائدي ۾ وجن يا نہ. ان حالت ۾ جڏهن رياستن جي اڪثريت ان ڪانفرنس جي فائدي ۾ ووٽ ڪندا تہ سيڪريٽري جنرل ان درستيءَ کي ڪانفرنس ۾ رکندو. جيڪا گڏيل قومن جي حوالي سان سڏائي ويندي. ڪابہ درستي جيڪڏهن رياستن جي اڪثريت سان ووٽن جي ذريعي ڪانفرنس ۾ جڏهن بحال ٿيندي تہ اها درستي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ڏانهن منظوريءَ لاءِ موڪلي ويندي.

**قلم 30:**

ان کان سواءِ بہ تہ گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل قلم 29 جي پيرا 5 هيٺ اطلاع ڏيندو هن لاءِ لازم ٿيندو تہ هو رياستن کي ساڳئي قلم جي پهرين پيرا مطابق هيٺيان تفصيل موڪليندو.

(الف) صحيحون. بحاليون ۽ وڌاءَ قلم نمبر 26 هيٺ.

(ب) هن انجام نامي جي قلم 27 هيٺ ان کي عمل ۾. زور ۾ آڻڻ واري تاريخ ۽ قلم 29 هيٺ ان ۾ ترميم کي عمل ۾ آڻڻ واري تاريخ.

**قلم 31:**

(1) موجوده انجام نامو جنهن جي عبارت چيني. انگريزي. فرينچ ۽ اسپينش ٻولين ۾ جي هڪ جيترو وزن رکن ٿيون گڏيل قومن جي تاريخ محفوظ ڪرڻ واري دفتر ۾ جمع ڪئي ويندي.

(2) گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل هن موجوده انجام نامي جون تصديق ٿيل ڪاپيون قلم 29 هيٺ سڀني رياستن ڏانهن منتقل ڪندو.

## عورت سان امتيازي سلوڪ جي خاتمي لاءِ اعلان_ پڌرنامو

## اهڙو اعلان گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ پنهنجي ٺهراءُ 12263 هيٺ 7 نومبر 1967ع تي ڪيو

### جنرل اسيمبلي:

اهو ويچاريندي تہ گڏيل قومن جا ماڻهو پنهنجي چارٽر ۾ پنهنجي ان بنيادي انساني حقن واري ايمان کي دهرائن ٿا تہ هو ڪنهن بہ شخص جي شان ۾ شوڪت ۽ ان جي ملهہ کي تسليم ڪن ٿا ۽ مردن ۽ عورتن جي هڪ جهڙن حقن کي بہ تسليم ڪن ٿا.

اهو ويچاريندي تہ انهيءَ گڏيل قومن جو پڌرنامو جيڪو انساني حقن لاءِ آهي، ان ڳالهہ کي پلي پانت غير امتيازي سلوڪ واري اُصول کي مڃي ٿو ۽ اها دعوي ڪري ٿو تہ سڀ انسان آزاد ڄاوا آهن ۽ حقن جي اعتبار سان برابر آهن، انهن سڀني حقن ۽ آزادين جا مجاز آهن، جيڪي هن وقت تائين تسليم ٿيل آهن، بنا ڪنهن بہ قسم جي تفريق جي ان ۾ جنس جي غير امتيازي پڻ شامل آهي.

انهن سڀني ٺهرائن، اعلانن، ميڙن ۽ سفارشن جيڪي گڏيل قومن ۽ ان جي خصوصي شاخن انهيءَ لاءِ عمل ۾ آندا تہ سڀني قسم جي امتيازن ۽ تفريقن کي ختم ڪري مردن ۽ عورتن جي برابريءَ وارن حقن کي تسليم ڪيو وڃي، انهن سڀني کي حساب ڪتاب سان توريو وڃي.

فڪرمند آهيون تہ باجود گڏيل قومن جي دنيا واري اعلان جيڪو هنن انساني بنيادي حقن لاءِ پڌرو ڪيو آهي ۽ انساني حقن تي بين الاقوامي انجام ناما ۽ اهڙا ئي گڏيل قومن جا ٻيا اقرار ناما ۽ خاص ايجنسيون جنهن ان ڏس ۾ ترقيءَ ڏانهن قدم کنيو آهي تہ حقن جي هڪجهڙائيءَ کي تسليم ڪيو وڃي، پوءِ بہ ڪافي حد تائين عورتن ڏانهن امتيازي سلوڪ روا رکيو وڃي ٿو.

اهو تسليم ڪندي تہ عورتن جي خلاف امتيازي سلوڪ انساني عظمت سان ٺهڪندڙ نہ آهي، سماج ۽ ڪٽنب جي چڱڀلائيءَ سان سهمت ڪونہ ٿو رکي، جيڪا عورتن جي مردن سان هڪجهڙائيءَ واري بنياد تي انهن جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي زندگيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان روڪي ٿي ۽ جيڪي عورتن جي پورين صلاحيتن جي ترقيءَ ۾ رنڊڪ آهن. انهن جي خدمت جيڪي هو انسان ذات ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ ڪن ٿيون.

اهو ذهن ۾ رکندي عورتن جي وڏي ۾ وڏو حصو جيڪو هو سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي زندگي ناهڻ ۾ ونڊين ٿيون ۽ اهو حصو جيڪو هو ڪٽنب ناهڻ ۽ خاص ڪري ٻارن جي پالنا ۾ صرف ڪن ٿيون.

اهو يقين ڪندي تہ ڪنهن بہ ملڪ جي پوري ۽ مڪمل واڌاري لاءِ سڄي دنيا جي ڀلائي، امن جي سببن کي حل ڪرڻ ۾ هرميدان ۾ عورتن جي گهٽي ۾ گهٽي شموليت جي ايتري ئي ضرورت آهي، جيتري مردن جي.

اهو ذهن ۾ رکندي تہ اهو لازمي آهي تہ قانوني طور حقيقت ۾ سڄي ڪائنات ۾ تسليم ٿيل ان اُصول جو يقين ڏيارجي تہ عورتن ۽ مردن جي هڪ جهڙائيءَ کي هر ميدان ۾ تسليم ڪرڻ گهرجي.

اسين هن اعلان/ پڌرنامي کي ڳنڀيرتا سان تسليم ڪريون ٿا.

## قلم 1:

عورتن جي خلاف امتيازي سلوڪ جنهن هيٺ انهن جي حقن کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ يا دٻائڻ تي هو مردن جي برابر نہ آهن، بنيادي طور ناانصافيءَ وارو عمل آهي. ان کي انساني عظمت جي خلاف ڏوهہ سمجهيو ويندو.

## قلم 2:

سڀ موزون اُپاءَ کنيا ويندا تہ موجوده اهڙن قانون، روايتن، قاعدن ۽ هلتن کي ٽوڙيو وڃي، جيڪي عورتن ڏانهن امتيازي سلوڪ جو ڏس ڏين ٿيون ۽ خاص طرح مردن ۽ عورتن جي برابر حقن لاءِ پورو قانوني تحفظ فراهم ڪيو ويندو.

(الف) برابريءَ وارن حقن جو اُصول يا تہ دستور ۾ شامل ڪيو ويندو يا قانوني طور ان جي ضمانت ڏني ويندي.

(ب) گڏيل قومن جا ادارا ۽ خصوصي ايجنسيون جيڪي عورتن جي ان امتياز واري سلوڪ خلاف پڌرناما ڪنديون انهن کي بحال ڪرايو ويندو يا انهن کي پوري نموني ۾ عمل ۾ آندو ويندو جيتري حد تائين اهو عمل جي قابل آهي.

## قلم 3:

سڀ موزون اُپاءَ ورتا ويندا ۽ عورتن کي ان جي پڪ ڏياري ويندي تہ هو مردن سان برابريءَ وارن شرطن تي بنا ڪنهن امتياز جي.

(الف) تہ هو چونڊن انتخابن ۾ ووٽ جو حق رکنديون ۽ چونڊ وڙهڻ لاءِ پڻ جائز قرار ڏنيون وينديون، انهن عوامي منتخب ادارن ۾ چونڊجي سگهنديون.

(ب) سڀني عوامي ريفرنڊمز ۾ ووٽ جو حق استعمال ڪنديون.

(ت) انهن کي حق حاصل هوندو تہ هو عوامي عهدو حاصل ڪن ۽ عوامي ذميواريون پڻ سنڀالين.

انهن حقن جي ضمانت ملڪ جي قانونيہ فراهم ڪندي.

## قلم 5:

عورتن کي اوترو ئي حق هوندو جيترو مردن کي تہ هو پنهنجي قوميت حاصل ڪري سگهنديون، تبديل ڪري سگهنديون يا اها ساڳي قوميت برقرار رکي سگهنديون. ڪنهن مرد سان بہ شادي هن عورت جي قوميت تي اثر انداز انهيءَ طرح نہ ٿيندي تہ هن کي ڪنهن رياست مان بي دخل ڪيو وڃي يا هن تي هن جي مڙس جي قوميت زوري مڙهي وڃي.

## قلم 6:

انهيءَ تعصب کانسواءِ تہ ڪنهن بہ ڪٽنب جو ايڪو ۽ هم خيالي متاثر ٿئي، ڇاڪاڻ تہ سماج جو اهو پهريون ضروري يونٽ آهي، باقي سڀ مناسب اُپاءَ خاص طور تي قانوني اُپاءَ ورتا ويندا، جيئن عورتن کي يقين ڏياريو وڃي تہ هوءَ شادي شده

هجي يا غير شادي شده انهن کي مردن جي برابر حق ڏنا ويندا. خاص طور تي ملڪي قانون واري ميدان ۾ پڻ مهيا ڪيا ويندا.

(الف) انهن کي اهو حق هوندو ته هو ملڪيت حاصل ڪن. ان ملڪيت جو انتظام ڪن انهن کي ماڻن. ڇڏي ڏين يا ورثي ۾ ملڪيت حاصل ڪن. ان ملڪيت سميت جيڪا هو شاديءَ ۾ حاصل ڪن ٿيون.

(ب) قانوني حيثيت ۾ هڪ جهڙائيءَ وارو حق ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جو حق.

(ث) مردن جهڙا اهي حق جيڪي ماڻهن جي چرپر واري قانون سان نهڪن ٿا.

(2) اهڙا سڀ اُپاءَ ورتا ويندا. جنهن جي ذريعي مڙس ۽ زال جي بيهڪ جي هڪ جهڙائيءَ واري اُصول جو يقين ڏياريو وڃي ۽ خاص ڪري.

(الف) عورتن کي مردن جهڙي آزادي هوندي ته هو پنهنجي مرضيءَ سان مڙس جي چونڊ ڪري ۽ ڪنهن به شاديءَ ۾ پنهنجي پوري مرضيءَ سان داخل ٿئي.

(ب) شاديءَ دوران يا ان جي ٽوڙڻ لاءِ عورتن کي مردن جهڙا ۽ جيترا حق ميسر هوندا. پر هر حالت ۾ ٻارن جي دلچسپين کي اوليت ڏني ويندي.

(ت) ماءُ پيءُ/ والدين کي پنهنجن ٻارن جي پرگهور واري معاملي متعلق هڪ جيترا ۽ هڪ جهڙا حق ۽ فرض هوندا. پر هر حالت ۾ ٻارن جي دلچسپين کي اوليت هوندي.

(3) ننڍڙن ٻارن جي شادي ۽ نين نوجوان ڇوڪرين کي بلوغت کان پهريائين جنسي استعمال ۾ آڻڻ جي روڪ هوندي ۽ ان لاءِ موثر قدم قانوني نقطن سان گڏوگڏ کنيو ويندو ته شاديءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عمر ظاهر ڪرڻ هوندي ۽ شادين جي داخلا سرڪاري دفتر ۾ ضرور قرار ڏني ويندي.

## قلم 7:

انهن سيني قانونن جا ٺهراءَ جيڪي عورتن جي امتياز واري سلوڪ کي دستوري ناهن انهن کي تبديل ڪيو ويندو.

## قلم 8:

اهي سڀ موزون قدم/ اُپاءَ ورتا ويندا. جن هيٺ ڇوڪرين ۽ عورتن کي ضمانت/ يقين ڏياريو وڃي ته هو چاهي شادي شده هجن يا غير شادي شده. هنن کي مردن جي برابر تعليم جو هر سطح تي حق آهي ۽ خاص ڪري.

(الف) هنن کي هڪجهڙيون حالتون ميسر ڪيون وينديون، جنهن سان هو هر قسم جي تعليمي ادارن، جنهن ۾ يونيورسٽيون، ڊگري واريون يا ٽيڪنيڪي ۽ ڊگري وارا اسڪول به شامل آهن، انهن ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن ٿيون.

(ب) ساڳئي قسم جي چونڊ جو حق ته هُو ڪن به سرگرمين ۾ حصو وٺن، ساڳيا امتحان پاس ڪن ۽ ساڳئي معيار وارن استادن وٽ پڙهن، ساڳئي اسڪول جي حدن اندر پڙهن، ساڳئي قسم جون شيون استعمال ڪن چاهي انهن ادارن ۾ گڏيل تعليم وارو نظام هجي يا نه.

(ٿ) انهن کي هڪ جيترا موقعا ڏنا ويندا ته هو اسڪالرشپن مان فائدا وٺن يا پڙهڻ لاءِ پيون منظوريون حاصل ڪن.

(ڊ) هڪ جيترا موقعا ته هو تعليم جاري رکڻ لاءِ اهڙن پروگرامن ۾ حصو وٺن، جنهن ۾ تعليم بالغان وارو پروگرام به شامل آهي.

(ع) انهن کي تعليمي ڄاڻ جو حق هوندو ته جيئن هو ڪٽنب جي صحت ۽ خوشحاليءَ لاءِ ضامن ٿين.

## قلم 9:

(1) اهي سڀ موزون اُپاءَ کنيا ويندا ته جيئن عورتن کي پڪ ڏيارجي ته هو شادي شده هجن يا غير شادي شده کين مردن سان برابريءَ جي بنياد تي اقتصادي ۽ سماجي ميدان ۾ کلهو کلهي سان ملائي هلڻ جو حق هوندو خاص طورتي:

(الف) اهو حق جيڪو بنا ان امتياز جي هوندو ته هو شاديءَ جي بندڻ ۾ ٻڌل آهن يا ٻئي ڪنهن سبب هيٺ هو ڊگري واري سکيا حاصل ڪري سگهنديون، هو ڪم ڪري سگهنديون پنهنجي چونڊ جي حساب سان ڪو به ڌنڌو يا نوڪري حاصل ڪنديون ۽ ڪنهن به ڊگري يا لياقت واري ڊگري ۾ اڳيرو ٿي سگهنديون.

(ب) هڪ جيترو ڪم ۽ هڪ جهڙي قدرن واري مردن جي برابر وارو اُجورو ۽ هلت ۾ برابري وٺنديون.

(ٿ) پگهار سان گڏ موڪل جو حق، رٽائرمينٽ وارا خاص حق ۽ بيروزگاري، بيماري، وڏي عمر يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري ڪم جي نااهليءَ واري حالت ۾ تحفظ جو حق رکن ٿيون.

(ڊ) مردن جي برابر فيملي الائونس حاصل ڪرڻ جو حق.

(2) عورتن کي امتيازي سلوڪ کان بچائڻ لاءِ جيڪو هنن سان شادي يا قرب واري بنياد تي روا رکيو ويجي ٿو ۽ انهن کي ڪم ڪرڻ واري موثر حق جي ضمانت ڏيڻ لاءِ اهڙا اُپاءَ ورتا ويندا ته جيئن هن جي اميدواري ۽ شاديءَ وقت نوڪريءَ مان ڪڍڻ جو بچاءُ ڪيو ويجي ۽ هنن کي اميدواريءَ جي پگهار سميت موڪل مهيا ڪري ڏني ويجي پر انهيءَ ضمانت ڪانپوءِ ته هوءَ پنهنجي پراڻي نوڪريءَ تي واپس ايندي ۽ ضروري سماجي خدمتون جنهن ۾ ٻارن جي سار سنڀال شامل هوندي, انجام ڏيندي.

(3) اهڙا اُپاءَ وٺڻ جنهن ۾ عورتن کي ڪجهه ڪمن ڪرڻ کان روڪڻ جيڪي هنن جي جسماني فطرت جي خلاف هوندا ته انهن کي امتيازي سلوڪ نه سمجهيو ويندو.

## قلم 10:

(1) عورتن ۽ مردن جي هڪ جهڙائيءَ وارن حقن وارو اُصول اها تقاضا ڪري ٿو ته انهن کي سڀني رياستن ۾ گڏيل قومن جي چارٽر ۽ انساني حقن جي سڄي ڪائنات واري پڌرنامي مطابق نافذ ڪرڻ گهرجي.

(2) سرڪاري يا غير سرڪاري تنظيمن ۽ فردن تي زور ڏنو ويجي ٿو ته پنهنجي حيثيت آهر هن پڌرنامي ۾ جيڪي اُصول شامل آهن انهن تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ورتي ويجي.

# سماجي انصاف تي ٻڌل نظام سان ئي عالمي ۽ پائيدار امن کي قائم رکي سگهجي ٿو

پورهيتن جي حالت اهڙي آهي جنهن ۾ ساڻن ناانصافي ٿي رهي آهي، ڪين سختين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ سندن وڏي اڪثريت جياپي جي ضرورتن کان وانجهيل رهي ٿي. انهن حالتن جي ڪري بيچيني وڌي ٿي، جنهن ڪري عالمي ٻڏي، سڪون ۽ امن کي خطرو آهي. حالتن جي سڌاري ۽ ترت تدارڪ جي اشد ضرورت آهي. مثال طور قانوني طرح ڏينهن ۾ ڪيترا ڪلاڪ ڪم ڪجي، هفتي ۾ ڪيترا ڏينهن ڪم ڪجي، ڪيترن مزدورن کان ڪيترو ڪم وٺجي، بيروزگاريءَ کي ڪيئن روڪجي، گهٽ ۾ گهٽ گذاري جي لاءِ ڪيتري پگهار مقرر ڪجي، پورهيت کي بيماريءَ ۾ ڪهڙي قسم جو تحفظ ڏجي، ڪم ڪندي بيماري، ڏک، حادثي جي حالت ۾ سندس ڪهڙي مدد ڪري سگهجي ٿي. عورتن، ٻارن ۽ نوجوانن کي ڪهڙو تحفظ ملڻ گهرجي، پوڙهائپ ۾ حادثي يا ڏکي اچڻ ۾ ڪهڙي مدد ڪري سگهجي ٿي. اهڙا پورهيت جن کي پنهنجو ملڪ ڇڏڻو ٿو پوي ۽ ڌيساور وڃي ڪم ڪن ٿا اُنهن کي تحفظ ملڻ گهرجي. هڪ جيتري پگهار، تنظيم ٺاهڻ جي آزادي، اهڙن ادارن/ تنظيمن جي ٺهڻ جنهن ۾ پورهيت تعليم ۽ فني ڄاڻ ۽ قابليت حاصل ڪري سگهن، انهن مڙني ڳالهين کي اُصولي حيثيت ڏئي تسليم ڪيو وڃي.

**آئي ايل او جو آئين:**

"بک ۽ اڻ هوندائي جتي ٻه آهي اتي خوشحالي نہ ٿي اچي سگهي."

ذات پات، مذهب، زبان ۽ عقيدن جي مختلف هجڻ باوجود، سمورن انسانن کي پنهنجي ذاتي، مادي ۽ روحاني ترقي ڪرڻ ۽ وڌڻ، آزادي، عزت، معاشي تحفظ ۽ هڪ جهڙن موقعن جو حق هئڻ گهرجي.

انهن مڙني ڳالهين کي تڏهن حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن انهن کي ملڪي ۽ عالمي طرح ٺهندڙ پاليسين ۾ مرڪزي حيثيت ڏني ويندي.

# ايسوسيئيشن جي آزادي ۽ تنظيم ٺاهڻ جي حق جي بچاءُ متعلق ميڙ

بين الاقوامي مزدور تنظيم جي عام ڪانفرنس جيڪا بين الاقوامي مزدور آفيس جي انتظام هلائيندڙ اداري طرفان سانفرانسسڪو ۾ منعقد ڪئي ويئي ۽ سترنهن جون 1948ع ۾ ايڪٽيهين بيٺڪ جي گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ان ڪي ميڙ واري نموني ۾ اختيار ڪيو ويندو ۽ ان جي ستين نمبر ائٽم ۾ ايسوسيئيشن جي آزادي ۽ تنظيم ٺاهڻ جي حق واري بچاءَ جي سلسلي ۾ ڪجهہ رٿون بحث هيٺ آيون.

اهو ويچاريندي تہ بين الاقوامي مزدور تنظيم جي دستور جو مهاڳ اهو پڌرو ڪري ٿو تہ. ايسوسيئيشن جي آزاديءَ واري اُصول کي تسليم ڪرڻ ئي اهڙو ذريعو آهي جنهن سان مزدورن جي حالت سڌاري سگهبي ۽ امن برپا ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

اهو ويچاريندي تہ فليڊيلفيا جو پڌرنامو/ عهدنامو انهيءَ جي تصديق ڪري ٿو تہ اظهار ۽ ايسوسيئيشن جي آزادي ترقيءَ لاءِ تمام ضروري آهي.

اهو ويچاريندي تہ بين الاقوامي مزدور تنظيم پنهنجي ٽيرهين بيٺڪ ۾ هڪ راءِ ٿي جيڪي اُصول بحال ڪيا اهي بين الاقوامي قاعدي جو بنياد ٿيندا.

اهو ويچار ڪندي تہ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ پنهنجي ہي بيٺڪ ۾ انهن اُصولن جي پٺڀرائي ڪئي ۽ بين الاقوامي مزدور تنظيم کي عرض ڪيو تہ ان سلسلي ۾ جيترا بہ ميڙ ٿي سگهن، ڪري ۽ هر ممڪن ڪوشش ذريعي 9 جولاءِ 1948ع تي هيءُ ميڙ سڏايو ويو جنهن کي ايسوسيئيشن جي آزادي تصور ڪيو ويو ۽ 1948ع جو ميڙ انهيءَ تنظيم واري حق جو بچاءُ وارو ڏينهن سمجهيو ويو.

## حصو پهريون:

### قلم 1:

هن بين الاقوامي مزدور تنظيم جو هر ميمبر جنهن لاءِ هيءُ ميڙ عملي صورت اختيار ڪندو ۽ اها ذميواري کڻندو تہ هو هيٺين قانونن کي اثرائتو ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺندو.

### قلم 2:

پورهيت ۽ روزگار فراهم ڪندڙ بنا ڪنهن تفريق جي، ڪين اهو حق هوندو تہ هو پنهنجي چونڊ جي حساب سان جنهن بہ تنظيم سان گڏجڻ چاهن گڏجي سگهن ٿا يا تنظيم برپا ڪري سگهن ٿا، جنهن لاءِ ڪين ڪنهن منظوريءَ يا اختياريءَ جي ضرورت ڪونہ پوندي، بشرطيڪ اهي تنظيم جي اُصولن سان ٺهڪندڙ هجن.

### قلم 3:

(1) پورهيتن ۽ روزگار فراهم ڪندڙن کي اهو حق هوندو تہ هو پنهنجا قانون ۽ دستور پاڻ مرتب ڪن ۽ پنهنجا نمائندا پوري آزاديءَ سان چونڊين ۽ پنهنجا انتظام/ مشغولين جي تنظيم ڪن ۽ پنهنجا پروگرام مرتب ڪن.

(2) مڪاني اختياريءَ وارا انهن جي ان حق ۾ دخل ڏيڻ ۽ انهن جي قانوني سرگرمين ۾ ملوث ٿيڻ کان پاڻ کي باز رکندا.

### قلم 4:

انتظاميہ اختياريءَ وارن کي اهو اختيار نہ هوندو تہ هو ڪنهن بہ پورهيتن يا روزگار فراهم ڪندڙ جي تنظيمن کي ختم ڪري سگهن يا روڪين.

### قلم 5:

پورهيتن ۽ روزگار فراهم ڪندڙ تنظيمن کي اهو حق هوندو تہ هو فيڊريشن ۽ ڪانفيڊريشن سان وڃي ڳنڍجن ۽ اهڙي تنظيم، فيڊريشن يا ڪانفيڊريشن کي اهو حق حاصل هوندو تہ هوءَ ڪنهن بہ مزدور يا روزگار فراهم ڪندڙن جي بين الاقوامي تنظيم سان ناتو جوڙي.

**قلم 6:**

قلم 2، 3 ۽ 4 نمبر جا مضمون پورهيتن ۽ روزگار فراهم ڪندڙن جي فيڊريشن ۽ ڪانفيڊريشن سان بہ لاڳو ٿيندا.

**قلم 7:**

پورهيتن ۽ روزگار فراهم ڪندڙن جي تنظيمن، فيڊريشن ۽ ڪانفيڊريشن کي قانوني تشخص حاصل ڪرڻ لاءِ انهن شرطن جي تابع نہ ڪيو ويندو جنهن هيٺ قلم 2، 3 ۽ 4 جي مضمونن تي ڪنهن قسم جي پابندي لاڳو ٿئي.

**قلم 8:**

(1) پورهيتن، روزگار فراهم ڪندڙ يا انهن جون تنظيمون انهن حقن جي مشق ڪندي جيڪي هن ميڙ ۾ تسليم ٿيل آهن ٻين عام ماڻهن وانگر يا منتظم ۽ گڏيل نموني ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي قانون کي پڻ تسليم ڪنديون.

(2) ڌرتيءَ جو قانون پڻ اهڙو نہ هوندو جنهن کي لاڳو ڪرڻ سان انهن جي انحرافي ٿئي، جيڪي هن ميڙ ۾ تسليم ٿيل آهن.

**قلم 9:**

(1) جنهن حد تائين انهن جي يقين دهاني هن ميڙ ۾ ڪرائي ويئي آهي تن کي فوجين ۽ پوليس سان لاڳو ڪرڻ واسطي اتان جا قومي قانون ۽ قائدا ئي ان ڏس ۾ حدون مقرر ڪندا.

(2) ان اُصول هيٺ جيڪو بين الاقوامي مزدور تنظيم جي دستوري مضمون 19 جي 8 پيرا مطابق آهي، ڪوبہ ميمبر ملڪ هن ميڙ جي بحالي موجوده ميڙ جي قانون تي جنهن هيٺ فوج ۽ پوليس کي حقن جي تصديق ٿيل انهي اثرانداز يا انعام ڏيڻ جا مستحق يا ريت رسم يا ٺاهہ واري خاصيت طور ان کي تبديل ڪرڻ جو مجاز نہ هوندو.

**قلم 10:**

هن ميڙ ۾ تنظيم لفظ جي وصف اها آهي تہ ڪابہ تنظيم جيڪا پورهيتن جي هجي، مالڪن جي هجي يا جيڪا پورهيتن يا مالڪن جي دلچسپين کي وڌائي ۽ انهن جي حقن جي حفاظت ڪري.

## حصو ٻيو:

## تنظيم ٺاهڻ واري حق جو بچاءُ

### قلم 11:

بين الاقوامي مزدور تنظيم جو هر ميمبر جن لاءِ هي ميڙ ڪوٺايو ويو آهي, اها ذميداري کڻي ٿو تہ هو ضروري ۽ مناسب اُپاءَ وٺندو جنهن هيٺ هو پڪ ڏياريندو تہ پورهيت يا مالڪ انهيءَ حق جي آزادانہ مشق ڪندا تہ هو منتظم ٿين/ تنظيم ٺاهن.

## حصو ٽيون:

## گڏيل نهراءَ

### قلم 12:

(1) انهن حدن جي حوالي سان جيڪي بين الاقوامي مزدور تنظيم جي دستور جي قلم 35 ۾ بيان ڪيل آهي ۽ جيڪي بين الاقوامي مزدور تنظيم جي دستور جي 1946 واري درستي جي اوزار مطابق آهي ۽ انهن جي قلم 4 ۽ 5 جي مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر آهي ۽ درست ڪيون ويون آهن. هن تنظيم جي هر ميمبر جيڪو هن ميڙ کي بحال ڪري ٿو تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ ان جي پڌرنامي جي بحاليءَ کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي تہ هو بين الاقوامي مزدور تنظيم جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن هيٺين نُقطن لاءِ رابطو قائم ڪري.

(الف) انهن حدن جو تعين جنهن هيٺ هو ميڙ جي انهن قانونن جي ذميداري کڻي ٿو تہ هو انهن کي پنهنجي ملڪ ۾ بنا ڪنهن ڦير گهير جي لاڳو ڪندو.

(ب) ڪيتري حد تائين جنهن هيٺ هو هن ميڙ جي قلمن کي لاڳو ڪندو بشرطيڪ انهن ۾ ڪجهہ ڦير گهير ڪرڻ کانپوءِ هو لاڳو ڪندو پر هو انهيءَ ڦير گهير جو تفصيل پڻ پيش ڪندو.

(ٿ) اهڙيون حدون جنهن هيٺ اهو ميڙ لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي تہ اهڙين حدن جا سبب پيش ڪري جنهن لاءِ اهو لاڳو ڪرڻ جي لائق نہ آهي.

(د) اهڙيون حدون جنهن هيٺ هو پنهنجو فيصلو محفوظ رکي ٿو.

(2) اهڙيون ذميداريون جيڪي (الف) ۽ (ب) جي پهرين پيرا ۾ بيان ڪيل آهن جيڪڏهن ڪنيون وينديون تہ اهي بحاليءَ جو ضروري حصو سمجهيون وينديون ۽ انهن ۾ بحال ڪرڻ وارو زور هوندو.

(3) ڪوبہ ميمبر ڪنهن بہ وقت بعد واري پڌرنامي جي ذريعي سجي يا ان جي ڪنهن حصي کي جيڪي ان جي اصلي پڌرنامي ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي

(ب)، (ث) يا (د) جيڪي هن قلم جي حصي جا آهن انهن موجود قانونن جي خاصيت سان رد ڪري سگهي ٿو.

(4) ڪوبہ ميمبر ڪنهن بہ وقت قلم 16 واري قانون جي صفت سان رد ڪري سگهي ٿو يا ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن انهي پڌرنامي جي ٺير ٺار يا پراڻي پڌرنامي جي ٺير ٺار متعلق رابطو رکي سگهي ٿو جنهن ۾ موجوده حالتن مطابق انهن حدن کي ظاهر ڪري سگهي ٿو.

## قلم 13:

(1) جتي بہ هن ميڙ جو مضمون گاديءَ وارن هنڌن/ وڏن شهرن کان ٻاهر وارين حدن سان لاڳو ٿئي ٿو تہ ميمبر جيڪو ان حد لاءِ بين الاقوامي لاڳاپن لاءِ ذميوار آهي، پنهنجي حد جي سرڪار سان معاهدو ڪري بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن اهڙو پڌرنامو موڪلي سگهي ٿو جنهن هيٺ هو ان حد جي ذميدارين کي منظور ڪري ٿو جيڪي هن ميڙ جي ذميوارين سان ٺهڪي اچن ٿا.

(2) اهڙو پڌرنامو جنهن ۾ ڪوبہ ميمبر هن ميڙ جي ذميوارين کي تسليم ڪري ٿو بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن موڪلي سگهجي ٿو.

(الف) بہ يا ٻن کان وڌيڪ تنظيمن جي ميمبرن جي منظوريءَ سان جيڪي هنن جي گڏيل اختيار هيٺ آهن.

(ب) يا ڪنهن بين الاقوامي اختياريءَ واري جي ذريعي جيڪو ان حد لاءِ ذميوار آهي ۽ اهو بہ گڏيل قومن جي منظور ٿيل خاص حقن/ چارٽر واري خاصيت سان.

(3) اهڙا پڌرناما جيڪي بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن هن قلم جي پوين قاعدن مطابق موڪليا ويندا، انهن ۾ اهو ظاهر ڪرڻ ضروري ٿيندو تہ واسطيدار حدن ۾ ميڙ جا قانون بنا ڪنهن ٺير ٺار جي لاڳو ڪيا ويندا يا ٺير ٺار ڪانپوءِ، جيڪڏهن پڌرنامو اهو ظاهر ڪري تہ ميڙ جا قانون ٺير ٺار ڪرڻ ڪانپوءِ لاڳو ڪيا ويندا تہ پوءِ انهن ميمبرن کي انهن ٺير ٺار جا تفصيل پڻ مهيا ڪرڻا پوندا.

(4) ميمبر يا بين الاقوامي اختياريءَ وارا واسطيدار ڪنهن بہ وقت پوءِ واري پڌرنامي جي ذريعي انهيءَ حق کي سڄي طور يا ان جي ڪنهن حصي تان هٿ ڪڍي سگهن ٿا ۽ ان حق جا بہ مجاز آهن تہ هو ڪنهن بہ پراڻي پڌرنامي تي بحث مباحثو ڪن.

(5) ميمبر يا واسطيدار بين الاقوامي اختياري وارا ڪنهن بہ وقت جنهن وقت هو سمجهن تہ هيءَ ميڙ قلم 16 مطابق رد ڪرڻ جي لائق آهي، تہ هو ان لاءِ بين

الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن اهڙو پڌرنامو جنهن کي ڪنهن به پاسي کان ڦير ڦار ڪري يا ڪنهن پراڻي پڌرنامي جي ڦير ڦار ڪري ۽ موجوده ميڙ جي حالتن ۾ انهن جي لاڳو ڪرڻ وارين دشوارين کي ظاهر ڪري اهڙو رابطو رکي سگهن ٿا.

## حصو چوٿون:

## آخري نهراءَ

### قلم 14:

هن ميڙ جي دستوري بحاليءَ لاءِ ان جي رجسٽريشن لاءِ به بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن لکپڙهه ڪرڻي پوندي.

### قلم 15 :

(1) هيءَ ميڙ صرف انهن بين الاقوامي مزدور تنظيمن جي ميمبرن سان لاڳو رهندو جيڪي بحاليءَ لاءِ ڊائريڪٽر جنرل وٽ پنهنجي داخلا/ رجسٽريشن ڪرائي چڪا آهن.

(2) اهو ان تاريخ جي ٻارهن مهينن ڪانپوءِ عمل/ زور ۾ ايندو جنهن تاريخ تي گهٽ ۾ گهٽ به ميمبرن جي بحالي ڊائريڪٽر جنرل وٽ رجسٽريشن ٿي چڪي آهي.

(3) ان ڪانپوءِ اهو ميڙ/ رسم ڪنهن به ميمبر لاءِ ان جي بحاليءَ جي رجسٽريشن جي هڪ سال ڪانپوءِ ئي ان ميمبر لاءِ زور ۾ ايندو/ عمل ۾ ايندو.

### قلم 16 :

(1) اهو ميمبر جنهن ان ميڙ/ رسم کي بحال ڪيو هجي، ان تاريخ کان جڏهن اهو عمل ۾ آيو ڏهن سالن جي عمل ڪانپوءِ ان کي رد ڪري سگهي ٿو انهيءَ قدم هيٺ جنهن سان هو بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن اهڙي رابطي جو اطلاع موڪليندو. اهڙو ردنامو داخلا واري تاريخ ڪانپوءِ هڪ سال ڪانپوءِ موثر نه ٿيندو.

(2) هر هڪ ميمبر جنهن هن ميڙ جي بحالي ڪئي هجي ۽ ڏهن سالن ڪانپوءِ هڪ سال جي اندر جيڪڏهن هو ان جي رد ڪرڻ لاءِ رابطو قائم نه ٿو ڪري ۽ ان جي داخلا بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل وٽ نٿو ڪرائي ته هو بين ڏهن سالن لاءِ انهيءَ ميڙ/ رسم جو پابند رهندو ۽ ان کي ڪنهن به ڏهن سالن جي عرصي ڪانپوءِ ئي مٿين بيان ڪيل شرط ۽ طريقي مطابق رد ڪري سگهي ٿو.

### قلم 17 :

(1) بين الاقوامي مزدور آفيس جو ڊائريڪٽر جنرل سيني بحالين، پڌرنامن ۽ رد ڪرڻ لاءِ ILO تنظيم جي سيني ميمبرن کي جاڻ مهيا ڪندو رهندو، جيڪي هن کي ميمبرن وٽان ان ڏس ۾ رابطا ملندا رهندا.

(2) ڊائريڪٽر جنرل جڏهن ILO جي تنظيم جي ميمبرن کي ٻي بحاليءَ لاءِ اطلاع ڏيندو ته ان ۾ اهو ظاهر ڪندو ته ڪهڙي تاريخ کان اهو ميڙ/ رسم عمل ۾ اچڻ ٿا.

### قلم 18 :

بين الاقوامي مزدور آفيس جو ڊائريڪٽر جنرل گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڏانهن گڏيل قومن جي چارٽر جي قلم 102 مطابق، داخلائون بحالين جا تفصيل، پڌرناما ۽ رد ڪرڻ وارن عملن کان آگاهه ڪندو، جنهن جي هن مٿين ٺهرائن مطابق داخلا/ رجسٽريشن ڪئي آهي.

### قلم 19:

هر رسم جي عمل کان 10 سالن جي مدي کانپوءِ بين الاقوامي مزدور آفيس جي انتظام هلائيندڙ باڊي ان ميڙ تي ڪم ڪرڻ واري رپورٽ عام ڪانفرنس ۾ پيش ڪندي ۽ ان ڪانفرنس جي ايجنڊا ۾ ان سڄي ميڙ/ رسم ۽ ان جي ڪنهن حصي کي ورجائڻ/ دهرائڻ لاءِ سوال اُٿاريندي.

### قلم 20 :

(1) ڪانفرنس کي نئون ميڙ/ نئين رسم اختيار ڪرڻ لاءِ هن سڄي ميڙ يا ان جي حصي کي ورجائڻو پوندو ته ان لاءِ نئين ميڙ/ رسم کي هيٺيون ڳالهيون ڪرڻيون پونديون.

(الف) ميڙ جي بحالي ڪندڙ ميمبر هن موجوده ميڙ کي سڌو سنئون ۽ جلد ئي رد ڪندو،يا اهو قلم 16 سان ٺهڪندڙ نه هوندو ۽ جڏهن نئين ورجائڻ وارو ميڙ عمل ۾ اچي ويو هوندو.

(ب) جڏهن ان تاريخ کان نئون ورجائڻ وارو ميڙ عمل ۾ اچي چڪو هوندو ته هيءُ ميڙ ميمبرن جي بحاليءَ لاءِ بند ٿي ويندو.

(2) هيءُ ميڙ تڏهن اصلي نُقطن سان عمل ۾ رهندو ۽ انهن ميمبرن لاءِ رهندو، جن هن جي بحالي ته ڪئي آهي پر ورجايل ميڙ کي بحال نه ڪيو آهي.

### قلم 21 :

هن مضمون جا انگريزي ۽ فرينچ ترجما ٻه اوترائي (برابري جي بنياد تي) اختياري وارا هوندا.

# تنظيم ٺاهڻ جي حق ۽ گڏيل ڳالهين ڪرڻ واري حق جو ٺاهه

بين الاقوامي مزدور تنظيم جي عام ڪانفرنس جيڪا جنيوا ۾ بين الاقوامي مزدور آفيس جي انتظام هلائيندڙن پاران منعقد ڪئي ويئي ۽ 8 جون 1949ع تي (32) بيٺڪ ۾ گڏجاڻي ڪئي ويئي.

جنهن ۾ ڪجهه رٿن کي اختيار ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو جن جو تعلق انهيءَ تنظيم ٺاهڻ واري حق ۽ مجموعي طور تي سودي بازي ڪرڻ واري حق ۽ اُصولن جي عملي پوئواريءَ سان آهي. جيڪو سندس ايجنڊا جو چوٿون ائٽم آهي، انهن تي پڪو ارادو ڪيو ويو تہ اهي رٿائون بين الاقوامي ميڙ جي صورت وٺنديون.

هن ڏينهن يعني پهرين جولاءِ 1949ع واري ڏينهن کي تنظيم ٺاهڻ جي حق ۽ مجموعي سودي بازيءَ جي حق جي ميڙ 1949ع وارو ڏينهن تسليم ڪيو ويندو.

قلم 1:

(1) پورهيت انهيءَ عمل جي خلاف جيڪو سندن روزگار جي سلسلي ۾ يونين جي مخالف ۽ ان ۾ امتياز جي خلاف هوندو پورو پورو تحفظ حاصل ڪندا.

(2) اهڙو تحفظ خاص ڪري انهن عملن خلاف لاڳو ٿيندو. جيڪو ان لاءِ هيٺ شمار ٿيل آهي، جيئن:

(الف) ڪنهن بہ پورهيت جو روزگار انهيءَ شرط سان فراهم ڪيو وڃي تہ هو يونين سان ڳانڍاپو نہ رکندو ۽ يونين جي ميمبريءَ تان هٿ ڪڍندو.

(ب) ڪنهن بہ پورهيت کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ يا ان سان تعصب ڪرڻ ڇاڪاڻ تہ هو ڪنهن يونين جو ميمبر آهي يا ڊيوٽيءَ واري ٽائيم ڪانپوءِ هو يونين جي مشغولين ۾ حصو وٺي ٿو يا پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ سان ڪم ڪرڻ واري وقت انهن ۾ حصو وٺي ٿو.

### قلم 2:

(1) پورهيتن ۽ مالڪن جون تنظيمون، انهن هڪٻئي سان مداخلت وارن عملن جي خلاف پورو پورو تحفظ حاصل ڪنديون ۽ پڻ انهن عملن جي خلاف هو هڪٻئي جي ايجنٽن/ ميمبرن ۽ انهن کي سنوت ۾ اچڻ، ڪم ڪرڻ ۽ انتظام ۾ دخل اندازي ڪرڻ جي برابر آهن.

(2) خاص طور تي اهي عمل جيڪي پورهيتن جي تنظيمن جي واڌاري لاءِ رٿيا وڃن ٿا ۽ مالڪن جي تنظيمن جي قبضي/ غلبي هيٺ آنديون وڃن ٿيون يا پورهيتن جي تنظيمن کي مالي طور تي يا ٻئي نموني سان مدد ڪرڻ ان مقصد سان تہ انهن تنظيمن کي مالڪن يامالڪن وارين تنظيمن جي قبضي هيٺ آندو وڃي، انهن عملن کي هن قلم جي نقط نظر ۾ مداخلت وارا عمل سمجهيو ويندو.

### قلم 3:

اها مشينري جيڪا قومي حالتن مطابق موزون سمجهي وڃي ان کي برپا ڪرڻ ۽ انهيءَ تنظيم ٺاهڻ واري حق جيڪو پنين مضمونن ۾ صاف بيان ڪيو ويو آهي، ان جو مان وڌائڻ لاءِ پڪ ڏيڻ.

### قلم 4:

جتي ضروري سمجهجي اهڙا اُپاءَ وٺڻ جيڪي قومي حالتن سان مطابقت رکن، مشينريءَ جي استعمال ۽پوري واڌاري لاءِ انهن کي همٿائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۽ اهي بہ مالڪن يا مالڪن جي تنظيمن ۽ پورهيتن جي تنظيمن وچ ۾ باهمي خيالن جي ڏي وٺ جي ذريعي طئي ڪرائڻ. ان خيال ڪان تہ روزگار جي شرطن ۽ شروطن کي مجموعي معاهدي ذريعي باقاعدگي ڏيارڻ.

### قلم 5:

(1) هن ميڙ ۾ ان حد تائين فوج ۽ پوليس جي حقن لاءِ ضمانتون ڏيڻ جيستائين قومي قانون ۽ قاعدا اجازت ڏين.

(2) ان اُصول هيٺ جيڪو بين الاقوامي مزدور تنظيم جي دستور جي قلم 19جي پيرا 8 ۾ بيان ڪيل آهي، ان مطابق ڪوبہ ميمبر هن ميڙ جي ان بحاليءَ ۾ صحيح نہ سمجهيو ويندو جيڪو موجوده قانون، انعام، رسم يا معاهدي تي ان خاصيت سان اثرانداز ٿيندو جو فوج يا پوليس جا ميمبر هن ميڙ جي ذمي هيٺ اهو حق حاصل ڪندا.

### قلم 6:

هيءَ ميڙ انهن پبلڪ جي نوڪري ڪندڙن سان ڪوبہ واهپو نہ ٿو رکي جيڪي رياست جي انتظام ۾ رُڌل آهن ۽ نہ ئي وري انهن لاءِ اهو سمجهڻ گهرجي تہ هيءَ ميڙ ڪنهن نموني ۾ هنن جي حقن يا بيهڪ وغيره سان بغض/ تعصب ڪري ٿي.

### قلم 7:

هن ميڙ جون روايتي بحاليون بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن رجسٽريشن لاءِ موڪليون وينديون.

### قلم 8:

(1) هيءَ ميڙ صرف بين الاقوامي مزدور تنظيم جي انهن ميمبرن ڏانهن پابند رهندو جنهن جون بحال ڪرڻ واريون درخواستون رجسٽريشن لاءِ بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل وٽ جمع ڪرايل هونديون.

(2) هي ميڙ ان تاريخ جنهن تي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ميمبرن جون بحاليون رجسٽريشن لاءِ آيل هونديون ان جي هڪ سال پوري ٿيڻ کانپوءِ عمل/ زور ۾ آنديون وينديون.

(3) ان کانپوءِ ئي هي ميڙ ڪنهن بہ ميمبر ملڪ ۾ ان تاريخ کانپوءِ هڪ سال کانپوءِ عمل ۾ آندو ويندو، جنهن تاريخ تي هن جي بحالي رجسٽر ٿيندي.

### قلم 9:

اهي پڌرناما جيڪي بين الاقوامي مزدور تنظيم جي دستور جي قلم (35) جي پيرا 2 مطابق بين الاقوامي مزدور آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل وٽ رجسٽر ٿيڻ لاءِ موڪليا ويندا انهن ۾ اهو واضح طور بيان ڪرڻ/ ظاهر ڪرڻ گهرجي تہ:

(الف) اهي حدون جنهن هيٺ تعلق رکندڙ ميمبر اها ذميداري کڻي ٿو تہ اهو ان ميڙ جي قاعدن کي بنا ڪنهن ڦير ڦار جي نافذ ڪندو.

(ب) اهي حدون جنهن هيٺ تعلق رکندڙ ميمبر اها ذميداري کڻي ٿو ته هو ان ميڙ جي قاعدن کي ڪجهه ڦير ڦار بعد نافذ ڪندو ته ان حالت ۾ هن کي ڦير ڦار جا تفصيل مهيا ڪرڻا پوندا.

(ث) اهي حدون جنهن هيٺ هيءَ رسم/ ميڙ نافذالعمل نه آهي ته اهڙين حالتن ۾ انهن لاءِ هو جواز ڄاڻائيندو ته اهو نافذالعمل ڇو نه آهي.

(د) اهڙيون حدون جن هيٺ ميمبر پنهنجو فيصلو محفوظ رکي ٿو ته ان جي بيهڪ تي غور ڪرڻ لاءِ هن کي وقت جي ضرورت آهي.

(2) اهي ذميداريون جيڪي هن قلم جي پهرين پيرا (الف) ۽ (ب) سان ٺهڪنديون انهن کي بحاليءَ جو اڻ ٽُٽندڙ حصو سمجهيو يا تسليم ڪيو ويندو. ان کي بحاليءَ وارو زور هوندو.

(3) ڪوبه ميمبر ڪنهن به وقت بعد واري اصلي پڌرنامي/ اعلان جي ذريعي سڄي ميڙ يا ان جي ڪنهن حصي کي پنهنجي حق کي محفوظ رکي رد ڪري سگهي ٿو ۽ اهو هن قلم جي پيرا پهرين جي (ب) (ث) يا (د) واري حصي جي مضمون هيٺ ڪري سگهندو.

(4) ڪوبه ميمبر ڪنهن به وقت، جيڪڏهن مضمون/ قلم 11 مطابق رد ڪرڻ لائق آهي ته اهڙو پڌرنامو ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن موڪلي سگهي ٿو جنهن ۾ اڳيئن معاهدي ۾ ترميم تجويز پيش ڪندو يا اهڙيون حدون ظاهر ڪندو.

## قلم 10:

(1) اهڙا اعلان جيڪي بين الاقوامي مزدور تنظيم جي دستور جي قلم 35 جي 4 ۽ 5 پيرا مطابق، بين الاقوامي ليبر آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن موڪليا ويا آهن، اهي واضح ڪندا ته آيا ميڙ جا نهراءَ انهن حدن ۾ بنا ڪنهن ڦير ڦار جي عمل ۾ آندا ويندا يا ڪنهن ڦير ڦار ڪانپوءِ ئي لاڳو ڪيا ويندا. جڏهن پڌرنامو اهو ظاهر ڪندو ته اهي درستيءَ ڪانپوءِ لاڳو ڪيا ويندا ته انهن ۾ ڦير ڦار جا تفصيل ڏيڻا پوندا.

(2) ڪوبه ميمبر، يا بين الاقوامي اختياريءَ واري ڪنهن به وقت بعد واري اعلان جي ذريعي سڄي ميڙ يا ان جي ڪنهن حصي کي ترڪ ڪري سگهن ٿا يا ڪنهن به پراڻي پڌرنامي ۾ ظاهر ڪيل درستيءَ تي وري ڳالهه ٻولهه ڇوري سگهن ٿا.

(3) ڪوبہ ميمبر، ڪجهہ ميمبريا بين الاقوامي اختياريءَ وارن سان تعلق رکندڙ ڪنهن بہ وقت ميڙ جي مضمون 11 مطابق جيڪڏهن ميڙ کي درستيءَ/ ڦير ڦار لائق قرار ڏين ٿا تہ اهڙي قسم جو اعلان جنهن ۾ پراڻي ميڙ جي ڪنهن حصي کي ڦير ڦار لاءِ تجويز ڏيندا ۽ هاڻي واري بيهڪ جنهن هيٺ هو انهيءَ ميڙ کي لاڳو ڪن اهڙو پڌرنامو ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن موڪليندا.

## قلم 11:

(1) اهڙو ميمبر جيڪو هن ميڙ کي بحال ڪري چڪو هجي، ڏهن سالن جي پوري عرصي بعد ان عرصي جي ڳڻپ انهيءَ تاريخ کان ٿيندي جنهن تي اهو ميڙ عمل ۾ آيو هجي، ان ڪانپوءِ اهڙي عمل جي ذريعي جنهن ۾ هن اهڙو اطلاع ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن موڪليو هجي، رد ڪري سگهي ٿو. اهڙي رد ڪرڻ واري عمل کي موثر قرار نہ ڏنو ويندو، جيڪو رجسٽر ڪرائڻ واري تاريخ ڪانپوءِ هڪ سال جي اندر عمل ۾ آندو ويندو.

(2) هر اهو ميمبر جنهن هن ميڙ کي بحال ڪيو هجي ڏهن سالن جي عرصي بعد هڪ سال اندر پنهنجي رد ڪرڻ وارو حق جيڪڏهن استعمال نہ ڪيو تہ جيڪو هن قلم جي پهرين پيرا ۾ ڏنل آهي تہ هو ڏهن سالن جي عرصي لاءِ هن ميڙ لاءِ پابند رهندو ۽ ان ڪانپوءِ ڏهن سالن جي عرصي ڪانپوءِ وري ان حق کي حاصل ڪري سگهندو جيڪي هن قلم جي پهرين پيرا مطابق ڏنل آهن.

## قلم 12:

(1) بين الاقوامي ليبر آفيس جو ڊائريڪٽر جنرل بين الاقوامي مزدور تنظيم جي ميمبرن جي سيني بحالين/ اعلانن ۽ رد ڪرڻ وارن پڌرنامن بابت جيڪي هن وٽ رجسٽر ٿيندا سيني ميمبرن کي اطلاع ڏيندو رهندو.

(2) جڏهن هو تنظيم جي ميمبرن کي ٻي بحاليءَ جي رجسٽريشن جو اطلاع ڏيندو تہ ڊائريڪٽر جنرل، تنظيم جي ميمبرن جو ان تاريخ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو جنهن تاريخ کان اها بحالي اثر وٺندي/ عمل ۾ ايندي يازور وٺندي

## قلم 13:

بين الاقوامي مزدور آفيس جو ڊائريڪٽر جنرل، گڏيل قومن جي چارٽر جي مضمون/ قلم 102 مطابق گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي انهن بحالين، پڌرنامن ۽ رد ڪرڻ وارن عملن جا پورا تفصيل موڪليندو، جيڪي هن مٿين ٿهرائن هيٺ رجسٽر ڪيا هوندا.

### قلم 14:

جيڪڏهن بين الاقوامي مزدور تنظيم جي انتظام هلائيندڙ باڊي ضروري سمجهي ته اهڙي وقت هوءَ هن ميڙ جي ڪمن جي رپورٽ عام ڪانفرنس جي اڳيان پيش ڪندي ۽ ڪانفرنس جي خواهش جاچيندي ته ان جي سڄي يا ڪجهه صفحا ورجائڻ جو سوال ايجنڊا ۾ رکيو وڃي يا نه.

### قلم 15:

(1) ڪانفرنس کي نئين ميڙ کي اختيار ڪرڻو پوندو يا پراڻي ميڙ جي سڄي حصي کي يا ڪجهه حصي کي ورجائڻو پوندو. اهو ان جي ٺهرائن تي دارومدار رکي ٿو.

(الف) نئين ورجائڻ واري ميڙ جو ميمبر بحاليءَ جي ذريعي هن ميڙ کي رد ڪندو، اهو به قلم (11) سان نه ٺهڪندڙ هجي ۽ جيڪڏهن نئون ورجائڻ وارو ميڙ عمل ۾ نه اچي چڪو هجي.

(ب) انهيءَ تاريخ کانپوءِ جيڪڏهن ورجائڻ وارو ميڙ زور/ عمل ۾ اچي چڪو هجي ته هيءُ ميڙ ڪنهن به ميمبر جي بحاليءَ لاءِ کليل نه هوندو.

(2) هيءُ ميڙ بهرحال ڪنهن به حالت ۾ انهن ميمبرن لاءِ اصلي حالت ۾ مضمون جي عمل لائق رهندو جن ان کي بحال ڪيو هجي ۽ ورجائڻ واري ميڙ کي بحال نه ڪيو هجي.

### قلم 16:

هن ميڙ جا مضمون انگريزي ۽ فرينچ ترجما اوترائي قابل قبول ۽ اختيار وارا هوندا.

كنوينشن 141

# ٻهراڙين جي پورهيتن جي تنظيمن ۽ انهن جي اقتصادي ۽ معاشي ترقيءَ واري ڪردار متعلق ٺهراءُ –Convention

عالمي پورهيت سنگت جي عام گڏجاڻي جيڪا ڪاروبار هلائڻ واري اختياري طرفان جنيوا شهر ۾ سڏائي وئي هئي، جيڪا سنهين اجلاس واري موقعي تي 4 جون 1975ع ۾ ڪوٺائي وئي هئي.

اها سڄي دنيا جي ٻهراڙين جي تنظيمن جي اهميت کي مڃيندي ته جيڪڏهن سندن ڪم ڪار وارين حالتن ۾ زندگيءَ کي سنو ڪرڻو آهي ته پوءِ کين ترت اقتصادي ۽ معاشي ترقيءَ وارن ڪمن ۾ شامل ڪيو وڃي.

ان ڳالهه کي محسوس ڪندي ته دنيا جي ڪيترن ملڪن منجهه بالخصوص اُسرندڙ ملڪن ۾ زمين ۽ پورهئي کي ٿورائي ۾ ڪتب آندو ٿو وڃي، تنهن ڪري ٻهراڙين جي پورهيتن کي اهميت ڏيڻ ضروري ٿيو پوي ته سندن هر طرح جي دلجوئي ٿيڻ گهرجي ته جيئن هو سنيون ۽ آزاد تنظيمون ٺاهين ته جيئن هو پنهنجن ميمبرن مٿان چڙهه ٿي بيهن ۽ انهن جي ڀلائيءَ واسطي ڪم ڪن ته جيئن اقتصادي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ سندن مناسب حصو هجي.

اهو سوچيندي تہ اهڙيون تنظيمون دنيا جي مختلف حصن ۾ هاڻوڪي گهٽ زرعي پيداوار کي وڌائي سگهڻ ۾ ضروري طرح پنهنجي طرفان ڪجهہ ڪري سگهن.

اهو تسليم ڪندي تہ اُسرندڙ ملڪن ۾ ٻهراڙين جي پورهيتن جي حياتي ۽ ڪم ڪار وارين حالتن کي سڌارڻ ۾ زرعي سڌارا ضروري ۽ اهميت وارا ٿين ٿا. تنهن ڪري اهڙن سڌارن کي عمل ڪرائڻ لاءِ ٻهراڙين جي پورهيت تنظيمن کي عملي طرح حصو وٺڻ سان گڏ سهڪار بہ ڪرڻ گهرجي، ۽ هن وقت عمل ۾ ايندڙ عالمي پورهيت تنظيم ۽ سفارشون ڪيل خصوصي تنظيم ٺاهڻ جو حق (زراعت وارو ٺاهہ (سال 1921ع ۾ منظور ڪيل)، تنظيم ٺاهڻ جي آزادي ۽ منظم ڪرڻ جو حق ۽ گڏجي ڳالهين ذريعي معاملن کي نبيرڻ متعلق ٺاهہ (سال 1948ع ۾ منظور ڪيل)، منظور ڪرڻ جو حق ۽ گڏجي ڳالهين ذريعي معاملن کي نبيرڻ متعلق ٺاهہ (سال 1949ع ۾ منظور ڪيل) جنهن ذريعي مڙني پورهيتن جنهن ۾ ٻهراڙين جا بہ پورهيت اچي وڃن ٿا. تہ هو پنهنجي مرضيءَ سان آزاد ۽ خود مختيار تنظيمون ٺاهين. ڪيترائي عالمي طرح مڃيل ٺاهہ ۽ سفارشون جيڪي ٻهراڙين جي پورهيتن لاءِ بہ لاڳو ٿين ٿيون. جنهن ۾ سندن ڀلائيءَ متعلق ٺاهن تي عمل ڪرائڻ ۾ دلچسپي ۽ شموليت کي ضروري سمجهيو ويو آهي.

گڏيل قومن (يونائيٽڊ نيشنز) جي مختلف تنظيمن. خصوصن (ILO) عالمي پورهيت تنظيم خوراڪ ۽ زراعت واري تنظيم (FAO) زرعي سڌارن ۽ ٻهراڙين جي ترقيءَ لاءِ گڏجي الڪو ظاهر ڪن ٿيون. مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي هينين معيارن کي حاصل ڪرڻ لاءِ خوراڪ ۽ زراعت واري تنظيم ۽ عالمي پورهيت تنظيم هڪٻئي سان لڳاتار سهڪار ڪندي ان ڳالهہ جو خيال رکنديون تہ اهڙن ڪمن يا منصوبن تي عمل نہ ڪبو جن سان ورجاءُ ٿيندو هجي.

ڪجهہ رٿن تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ ٻهراڙين جي تنظيمن ۽ انهن جو اقتصادي ۽ سماجي ترقيءَ بابت حصو جيڪي هن اجلاس ۾ چوٿين اسم تي رکيل آهي.

فيصلو ڪيو ويو آهي تہ انهن رٿن کي عالمي ٺاهہ جي شڪل ڏني ويندي ۽ اڄ 23 جون 1975ع ۾ ايندين ۽ ان کي ٻهراڙين جي تنظيمن جو ٺاهہ (سال 1975ع) ڪوٺيو ويندو.

## آرٽيڪل:1

هيءُ ناهه پهرين ٻهراڙين جي هر قسم جي تنظيمن تي لاڳو ٿيندو. جنهن ۾ اهي به تنظيمون اچن ٿيون جن تي ڪا به پابندي ناهي ۽ هو ٻهراڙين جي پورهيتن جي نمائندگي ڪن ٿيون.

## آرٽيڪل: 2

(1) هن ناهه موجب "ٻهراڙين جا پورهيت" جو مطلب آهي ته ڪو به شخص جيڪو زراعت سان واسطو رکندڙ ڪنهن به ڪم، پرت جي ڪم يا اهڙو ڪم جيڪو به ٻهراڙين ۾ ڪيو ويجي ٿو. آيا ڏهاڙي ڪمائي ٿو يا هن آرٽيڪل جي شق نمبر 2 موجب جيڪو پاڻ ڪمائي ٿو. مقاطعيدار، حصي جو هاري يا ننڍڙو هاري مالڪ يا قبضي وارو سڀ شامل آهن.

(2) هيءُ ناهه رڳو مسواڙ تي هاريو ڪندڙ حصيدار هاري، يا ننڍڙن ڪاتيدارن جن جو گهٽ پاڱي گذارو زراعت سان واسطو رکندڙ ڪمن ڪارين سان آهي، جيڪي زمين تي پاڻ ڪم ڪن ٿا يا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ٻين پورهيتن جي مدد سان ڪم ڪرائين ٿا ۽ انهن مڙني تي هي قاعدو لاڳو ٿئي ٿو.

(الف) جيڪي مستقل بنيادن تي پورهيت رکي انهن کان ڪم وٺن ٿا.

(ب) جيڪي ڪافي تعداد ۾ ڪنهن فصل لاءِ پورهيت رکن ٿا.

(ت) جن جي حصيدار هارين يا مسواڙي هارين زمين آباد ڪئي آهي، انهن تي هي قاعدو لاڳو نٿو ٿئي.

## آرٽيڪل: 3

(1) ٻهراڙين جي پورهيتن جا جيڪي به قسم آهن. آيا اهي ڏهاڙي ڪمائيندڙ هجن يا پنهنجو ڪم پاڻ ڪندا هجن. سواءِ انهن جي پنهنجي تنظيم جي آئين ۾ ڪنهن منع جي ڪري، ۽ ڪنهن به اختياريءَ جي اڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ پنهنجي پسند جون تنظيمون ناهي سگهن ۽ انهن جا ميمبر ٿي سگهن ٿا.

(2) تنظيم ناهڻ جي آزاديءَ واري اُصول جو بلڪل احترام ڪيو ويندو. ٻهراڙين جون تنظيمون بلڪل آزاد ۽ خود مختيار ۽ پاڻ اربڻ واري جذبي سان ڪم ڪنديون رهنديون. انهن جي ڪمن ۾ ڪا به رڪاوٽ نه وڌي ويندي ۽ انهن مٿان ڪنهن به قسم جو دٻاءُ يا جبر نه ڪيو ويندو.

(3) تنظيم جيڪڏهن ڪا قانوني حيثيت وٺڻ چاهي ته پوءِ ان تي ڪي پابنديون نه وڌيون وينديون يا ڪو اهڙو شرط نه وڌو ويندو جو انهن ڪي تنظيم ناهڻ يا تنظيمي ڪم ڪار ڪي اُڪلائڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي. انهن تي هن ناهه جي هن آرٽيڪل موجب ڪا به پابندي يا شرط نه وڌو ويندو.

(4) هن آرٽيڪل ۾ جيڪي خاطريون ڏنيون ويون آهن تنهن موجب ملڪ جو قانون اهڙو نہ ٺاهيو ويندو ۽ نہ وري عمل ۾ ايندو، جنهن سان هن آرٽيڪل جي مقصد کي ڪو ڇيهو رسي.

## آرٽيڪل 4:

ٻهراڙين جي ترقيءَ لاءِ قومي پاليسيءَ جو اصل مقصد ٻهراڙين جي پورهيتن جي تنظيمن کي ٺاهڻ ۽ انهن جي پرورش ۽ واڌ هجي، اهي پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪم ڪنديون هجن، ۽ اهي آزاد ۽ مضبوط هجن تہ جيئن اثرائتي نموني پورهيت ترقيءَ وارن ڪمن ۾ دلچسپيءَ سان حصو وٺن تہ جيئن سندن پلو ٿئي، ان ڏس ۾ ڪابہ بہ اکيائي نہ ڪئي وڃي، جنهن جو 1958ع ۾ بہ اکيائيءَ واري قانون (روزگار ۽ ڏنڏو) ۾ ذڪر ڪيل آهي تہ جيئن سندن اقتصادي ۽ سماجي ترقي ٿئي، جنهن جو مطلب آهي تہ سندن اقتصادي ۽ معاشي حالتون سنيون ٿي سگهن.

## آرٽيڪل 5:

(1) اقتصادي ترقي ۽ سماجي اوسر واسطي ٻهراڙين جي تنظيمن کان جيڪڏهن ڪجھ ڪرائڻو آهي تہ پوءِ هر ميمبر ملڪ جيڪو هن ٺاهہ تي صحيح ڪري ٿو تہ پوءِ ان کي ان تي عمل ڪرڻو پوندو ۽ ان لاءِ کي لڳاتار جوڳا اُپاءَ ڪڻندو تہ جيئن ٻهراڙين جي تنظيمن جي دل وڌي ۽ ان ڏس ۾ جيڪي بہ رنڊڪون هجن انهن کي ختم ڪرڻو پوندو تہ جيئن ٻهراڙين جا پورهيت پنهنجون تنظيمون ٺاهي سگهن. ان کي قانون جي وڏاءُ سان گڏ مضبوط بہ ڪري سگهن. انهيءَ واسطي جيڪڏهن ڪي رنڊڪون يا بہ اکيائيءَ وارا قانون يا حڪم موجود آهن تہ انهن کي ختم ڪرڻو پوندو.

(2) هر اهو ملڪ جيڪو هن ٺاهہ کي مڃي ٿو ۽ هتي صحيح ڪري ٿو جنهن جي هن کي خاطري ڏيڻي پوندي تہ سندس قانون يا آئين ۾ اهڙي ڳالهہ هجي جو خاص حالتن جي اوٽ ۾ ٻهراڙين جي تنظيم جي ٺاهڻ، ان جي ترقي ۽ اوسر لاءِ ڪا پابندي هجي.

## آرٽيڪل 6:

اهڙيون ڪوششون ڪيون وڃن جن سان ماڻهن کي وڌ کان وڌ ان ڳالهہ جي ضرورت جي خبر پوي جنهن سان ٻهراڙين جي تنظيمن جي ترقيءَ مان فائدن بابت هي خبر پوي تہ جيئن هو روزگار پيدا ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ واري سهولت لاءِ وڌ ۾ وڌ سهنجهائي وارا موقعا پيدا ڪري سگهن تہ جيئن ٻهراڙين وارن علائقن ۾ سندن

ڪم ڪار جي طريقن، جتي بہ ڪم ڪن ٿا ان ۾ بهتري ٿئي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آسائش حاصل ڪري سگهن تہ جيئن قومي آمدني ۽ پيداوار ۾ واڌ ٿئي تہ جيئن ان جي ورهاست بہ سٺي نموني ڪري سگهجي.

### آرٽيڪل 7:

هن ٺاهہ کي منظور ڪرڻ ۽ ان تي صحيح ڪرڻ جي خبر ڊائريڪٽر جنرل عالمي پورهيت جي دفتر (انٽرنيشنل ليبر آفيس) کي لکت ۾ ڏني ويندي تہ جيئن ان جي رڪارڊ ۾ داخلا ڪئي وڃي.

### آرٽيڪل 8:

(1) هي ٺاهہ انهن ملڪن سان لاڳو ٿيندو جن هن کي منظور ڪندي صحيح ڪئي آهي ۽ ان جي باقاعده ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ داخلا ڪرائي آهي.

(2) هن ٺاهہ تي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ملڪن طرفان صحيح جي ٻارهن مهينن ۽ ڊائريڪٽر جنرل وٽ داخلا ڪانپوءِ ئي عمل ٿيندو.

(3) ان ڪان پوءِ ٻين ميمبر ملڪن لاءِ ٻارهن مهينن جي گذرڻ ۽ داخلا بعد هي ٺاهہ عمل ۾ آندو ويندو.

### آرٽيڪل 9:

(1) ميمبر ملڪ جيڪو هن ٺاهہ تي صحيح ڪري ٿو تنهن جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي تہ جنهن تاريخ کان اڳ هن ٺاهہ تي صحيح ٿي آهي جنهن جي ڏهن سالن گذرڻ ڪانپوءِ ان کي ختم ڪري. ان لاءِ ان ملڪ جي ڊائريڪٽر جنرل کي لکت ۾ سُڌ ڏيڻي پوندي جنهن جي پڻ داخلا ڪئي ويندي. اهڙي رد ڪرڻ واري بهاني ان تاريخ جنهن جي داخلا ٿي آهي، هڪ سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ ئي زور وٺندي يا عمل ۾ ايندي.

(2) هر ميمبر جنهن هن ٺاهہ کي بحال ڪيو آهي تہ ان جي 10 سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ هڪ سال اندر جيڪڏهن هو پنهنجي ان ٺهراءَ جي رد ڪرڻ واري حق کي استعمال نٿو ڪري جيڪو هن قلم مطابق ڏنل آهي تہ هو ٻين ڏهن سالن جي لاءِ هن ٺهراءَ لاءِ پابند رهندو ۽ تنهن ڪري ٻين ڏهن سالن ڪانپوءِ ئي مٿي بيان ڪيل شرطن مطابق اهو رد ڪرڻ وارو حق وري حاصل ڪري سگهبو.

### قلم 10:

(1) بين الاقوامي پورهيت آفيس جو ڊائريڪٽر جنرل انهن سڀني بحالين ۽ رد ڪرڻ وارين درخواستن جيڪي هن ڏانهن اچن ٿيون انهن متعلق بين الاقوامي مزدور تنظيم جي سڀني ميمبرن کي اطلاع ڪندو.

(2) جڏهن بہ ڊائريڪٽرجنرل تنظيم جي ميمبرن ڏانهن ٻي بحاليءَ جي داخلا لاءِ اطلاع ڏيندو تہ هو تنظيم جي ميمبرن جو خاص طور تي ان تاريخ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو جنهن تاريخ تي اهو نهراءُ عمل ۾ ايندو.

## قلم 11:

بين الاقوامي پورهيت آفيس جي ڊائريڪٽر جنرل کي گڏيل قومن جي چارٽر جي قلم 102 مطابق گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي انهن سڀني بحالين ۽ رد ڪرڻ وارن عملن جا تفصيل موڪليندو رهندو، جن جي هو مٿين بيان ڪيل نهرائن مطابق داخلا ڪندو رهي ٿو.

## قلم 12:

ڪنهن بہ وقت جيڪڏهن بين الاقوامي مزدور آفيس جو انتظام هلائيندڙ باڊي ضروري سمجهي تہ هن نهراءَ متعلق رپورٽن کي ڪانفرنس ۾ پيش ڪري سگهي ٿي ۽ اجا بہ وڌيڪ ضروري سمجهي تہ ان سڄي نهراءَ يا ان جي ڪنهن حصي کي ورجائڻ لاءِ ڪانفرنس جي ايجنڊا ۾ شامل ڪري سگهي ٿي.

## قلم 13:

(1) جا ڪانفرنس کي نئون نهراءُ اختيار ڪرڻ گهرجي. هن نهراءَ کي ورجائڻ گهرجي، سڄي کي يا ان جي ڪنهن حصي کي ورجائڻ گهرجي تہ جيستائين نئون نهراءُ هيٺ ڏنل ڳالهين کي پورو ڪري ٿو؟

(الف) نئين ورجائيندڙ نهراءَ جي بحالي ڪندڙ ميمبر هن نهراءَ کي جيئن جو تيئن رد ڪندو ۽ مضمون 9 سان بہ نهڪندي رد ڪندو ۽ تڏهن جڏهن نئون ورجايل نهراءُ عمل ۾ اچي چڪو هوندو.

(ب) ۽ انهيءَ تاريخ کان جڏهن نئون ورجايل نهراءُ عمل ۾ ايندو تہ هيءُ نهراءُ ميمبرن جي بحاليءَ لاءِ بند ٿي ويندو.

(2) هيءُ نهراءُ پنهنجي اصلي حالت ۾ ۽ هر حالت ۾ قائم رهندو انهن ميمبرن لاءِ جن هن نهراءَ کي بحال ڪيو آهي، پر نئين ورجايل نهراءَ جي بحالي نہ ڪئي آهي.

## قلم 23:

هن نهراءَ جا انگريزي ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ ترجما اوترائي قابل قبول هوندا.

# پاڪستان جي آئين 1973ع مطابق سماجي انصاف جو واڌارو ۽ سماجي براين جو خاتمو:

## قلم 37:

### رياست

(الف) ملڪ ۾ ترقي ڏياريندي ۽ خاص ڪري پنتي پيل ماڻهن ۽ علائقن جي تعليمي ۽ اقتصادي دلچسپين ۾ واڌارو آڻيندي.

(ب) جهالت کي ختم ڪرڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ممڪن وقت اندر ضروري ثانوي تعليم عام ۽ مفت ڪرڻ.

(ٻ) هنري ۽ ڪاروباري تعليم رائج ڪرڻ ۽ پڙهائي وارن سطح واري تعليم لياقت ۽ قابليت آهر مهيا ڪرڻ.

(د) اهڙو بندوبست رکڻ جيئن صحيح ۽ انساني اعتبار وارين ڪم جون حالتون مهيا ٿي سگهن ۽ ان ڳالهه ۾ ان جي پڪ ڏيارڻ ته ٻارن ۽ عورتن کي انهن ڌنڌن ۾ ملازمت نه ڪرڻي پوي. جيڪي انهن جي جنس ۽ عمر جي لحاظ کان ناموزون آهن ۽ عورتن کي سندن نوڪرين ۾ ماتاپڻي وارا فائدا فراهم ڪرڻ جي ضمانت ڏيارڻ.

(6) مختلف علائقن جي ماڻهن کي تعليم، سکيا جيڪا زرعي ۽ صنعتي سڌارن ۽ بين طريقن تي منحصر آهي، جي ذريعي ان لائق ناهڻ ته هو قومي مشغولين جيڪي هر قسم جون هونديون انهن ۾ پرپور نموني ۾ حصو وٺي سگهن. جنهن ۾ پاڪستان جي خدمت وارا روزگار به شامل آهن.

(7) جنسي ڪاروبار، جوا ۽ صحت کي جوکو ڏيندڙ دوائون وٺڻ، گندي ادب ۽ غير اخلاقي مواد جي پرنٽنگ، ڇپائي، تقسيم ۽ نمائي ۽ پڌرائيءَ کان ماڻهن کي پاسي رکڻ.

(8) شراب ۽ دارون جي کپ ۽ عام استعمال جي روڪ ٿام ڪرڻ کانسواءِ انهن جي جيڪي ان کي دوا طور، مذهبي طور يا غير مسلم استعمال ڪن ٿا.

(9) سرڪاري انتظام جي مرڪزيت کي ٽوڙڻ جيئن انهن جي سيني ڏنڌن هلائڻ ۾ سهولت ٿئي، ماڻهن جي ضرورتن ۽ سهولتن کي پورو ڪري سگهجي.

## ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي ڀلائيءَ جي اوسر، اها پڻ آئين مطابق رياستن جي ذميواري هوندي:

قلم 38:

(1) ماڻهن جي بهتريءَ لاءِ بنا ڪنهن جنس، ذات پات، نسل جي امتياز جي ڪوشش وٺڻ ۽ اهو به سندن زندگيءَ جي معيار بلند ڪرڻ واري طريقي سان ۽ اهڙي نموني ۾ جيئن ڪو خاص ماڻهو يا ڪو مخصوص ٽولو دولت ۽ پيداوار جي ذريعن تي قبضو نه ڪري، جيڪو عام ماڻهن جي ڀلائيءَ جي خلاف آهي. پورهيتن ۽ روزگار فراهم ڪندڙن جي وچ ۾ حقن ۽ فرضن جي ورهاست ڪرڻ ۽ زميندارن ۽ لاڀي تي زمين رکندڙن جي وچ ۾ مناسب تناسب رکڻ.

(2) سيني شهرين لاءِ پنهنجي ملڪ جي ذريعن مطابق ڪم جون سهولتون ۽ مناسب روزگار فراهم ڪرڻ. اهڙي نموني جو انهن کي واجبي آرام ۽ ڪجهه فالتو وقت ملي وڃي.

(3) سيني شخصن کي ضروري سماجي ويمي ذريعي يا ٻئي ڪنهن طريقي سان سماجي تحفظ ڏيڻ، انهن کي جيڪي پاڪستان جي خدمت ڪن ٿا.

(4) زندگيءَ جون ضرورتون جهڙوڪ ڪاڌو، لٽو، اَجهو، تعليم ۽ طبعي سهولتون سيني شهرين کي مهيا ڪرڻ ۽ اهو به بنا ڪنهن جنس، ذات پات، نسل ۽ قوم جي امتياز جي يا اهي جيڪي هميشه لاءِ يا عارضيءَ طور لاچاري، بيماري يا بيروزگاريءَ جي ڪري گذارو نٿا ڪري سگهن.

(5) فردن جي آمدني ۽ ڪمائيءَ ۾ غير برابريءَ کي گهٽ ڪرڻ جنهن ۾ پاڪستان جي ملازمت جا ڪيترا طبقا اچي وڃن ٿا.

(6) وياج کي جيترو جلد ممڪن هجي ختم ڪرڻ.